ماسترن لاءِ : شاگردن کي تارن جي مدد سان يا جيئو-بورڊ واپرائي مستطيل، چورس، ٽڪنڊو اِهي شڪليون تيار ڪرڻ لاءِ چئو. ساڳئي وقت جُدا جُدا شڪلين جا ٽئنگرام تيار ڪرڻ لاءِ همٿايو. اهڙي نموني دليلي تخليقي ۽ سونهن نظر ۾ واڌارو آڻيو.

## مشغولي پوري ڪريو.

(۱) ڏاڳوءِ چاڪ جو اِستعمال ڪري گول ڪڍو.

شڪل ۾ ڏيکاريل نموني چوڪنڊي شڪل جي پاڻي جو هڪ ٽُڪرو ڪٽو. ڪوڪي مٿان ڏاڳو ٻڌي پائي جي ٽڪر جي ڇيڙي ڪوڪي جي  ڇهنب رکو. ٻي ڇيڙي تي چاڪ ٻڌي گول ڦيرائي گول ڪڍو. اَهڙي ريت گول جي شڪل جو انداز ڪٽي جُدا جُدا ماپن جا هڪ مرڪز (هم-مرڪزي) هوندڙ گول ڪڍو.





(۲) تار جي ٽڪر مان گول شڪل تيار ڪريو.
هڪ تار جو ٽڪر ڪٽو. اُن کي ڏيکاريل شڪل موجب گول جو آڪار ڏيو.

(۳) ڏيکاريل شڪل موجب چوڙيءَ جي مدد سان گول ڪڍو. مناسب مفاصلو ڪٽي ڪمپاس جي مدد سان جُدا جُدا ننڍا وڏا گول ڪڍو.





(۴) ڪاپيءَ جي  پني تي ڏيکاريل شڪل موجب ننڍا، وڏا شڪلين جا گول ڪڍو. اِهي شڪليون ملائي اڳيان ڏنل نموني چتر تيار ڪريو.





ماسترن لاءِ : ڏاڳوءِ اُن جي ڇيڙي تي ٻڏل لڪڙيءَ واپرائي جُدا جُدا شڪليون تيار ڪري سگهي ٿيون. اِها ڄاڻ شاگردن کي ڪري ڏيو. شاگردن کي جدا جُدا ڏيکڻ، سڪا اِنهن جي مدد سان گول ڪڍڻ ۾ رهنمائي ڪريو. اُن مان گول شڪل جو اندازو ڪرڻ تي زور ڏياريو. اُن لاءِ ڪلاس ۾ جُدا جُدا مشغوليون ڪرايو. ڪمپاس جو صحيح نموني اِستعمال ڪري گول ڪڍڻ تي خاص زور ڏيو. اُنهن جو اڀياس ڪرايو. گول، هم مرڪزي، گول، هڪ ٻئي کي ڪپيندڙ گول اِنهن ۾ نقاشي اِن بابت ڪلپنا شڪتيءَ سونهن نظريو اُنهن جو وڪاس ڪرايو.

## ياد ڪريو.




هڪ دوائن جي وڻ باغ ۾ آنولا ٤٧٠، هرڙ ٤٩٩، ٻيھڙا ٧٤٩، ڪوئنر ٢٧٥، رتا ٣٥٠، ارجن ٦٢٥، نِم ٢٢٥، چمون ٩٩٩، ڪرنج ٦٤٩، ايترا وڻ آهن.

- باغ ۾ آنولا ۽ هرڙ اِنهن ڪي ملائي ڪُل گهٽا وڻ آهن؟ [ ]
- باغ ۾ ڪرنج ۽ نِم اِنهن جا ڪُل گهٽا وڻ آهن؟ [ ]
- باغ ۾ ارجن جا وڻ، اُن جي ڀيٽ ۾ چمُن جا وڻ گهٽا وڌيڪ آهن؟ [ ]
- باغ ۾ رِتا جا وڻ ارجن جي وڻن ڀيٽ ۾ گهٽا گهٽ آهن؟ [ ]

## جوڙ

## سمجهي وٺو.

- هڪ ڪنڊ جي ڪارخاني ۾ مؤسم جي پهرين ڏينهن ٣٢٦٤ ڳوڻيون ڪنڊ تيار ٿيون ٻئي ڏينهن ٣١٣٥ ڳوڻيون ڪنڊ جون تيار ٿيون تہ ٻنهي ڏينهن ۾ ڪُل ڪنڊ جون گهڻيون ڳوڻيون تيار ٿيون؟

⊙ ڪُل گھڻيون ڳوٺيون تيار ٿيون، اِهو لهڻ لاءِ جوڙ ڪرڻو پوندو.

جوڙ جي چٽر - روپي اَڏاوت

٣٢٦٤



٣١٣٥



جئن اَسان ٽن انگن وارن عددن جو جوڙ ڪيو، اُن نموني اَسان چئن انگن وارن عددن ۾ جوڙ ڪنداسين.

| ه | س | ڏ | اي |
|---|---|---|---|
| ٣ | ٢ | ٦ | ٤ |
| +٣ | ١ | ٣ | ٥ |
| ٦ | ٣ | ٩ | ٩ |

پهرين ڏينهن تيار ٿيل ڪنڊ جون ڳوٺيون

ٻئي ڏينهن تيار ٿيل ڪنڊ جون ڳوٺيون. +

ٻن ڏينهن ۾ تيار ٿيل ڪنڊ جون ڳوٺيون.




⊙ ريجنل ٽرانسپورٽ آفيس ۾ جنوري ٢٠٢٥ ۾ ڪولهاپور ضلع ۾ ٣٥٤٧ ۽ ستارا ضلعي ۾ ٢٦٩٥ چار-ڦيٿا واهڻ درج ڪيا ويا تہ جنوري ٢٠٢٥ مهني ۾ ٻنهي ضلعن ۾ ڪُل ڪيترا چار ڦيٿا واهڻ درج ڪيا ويا؟

| ه | س | ڏ | اي |
|---|---|---|---|
| ١ | ١ | ١ | |
| ٣ | ٥ | ٤ | ٧ |
| +٢ | ٦ | ٩ | ٥ |
| ٦ | (١)٢ | (١)٤ | (١)٢ |
| ٦ | ٢ | ٤ | ٢ |

٣٥٤٧
+ ٢٦٩٥
٦٢٤٢

ڪولهاپور ضلع ۾ درج ڪيل واهڻ

ستارا ضلع ۾ درج ڪيل واهڻ ٻنهي

ضلعن ۾ ٦٢٤٢ درج ڪيل واهڻ.

# آپياس

**(۱) هيٺ ڏنل مثال حل ڪريو.**

| ھ | س | ڏ | اي |
|---|---|---|---|
| ۸ | ۷ | ۵ | ۴ |
| +۱ | ۲ | ۳ | ۵ |
| | | | |

| ھ | س | ڏ | اي |
|---|---|---|---|
| ۶ | ۴ | ۰ | ۳ |
| +۲ | ۰ | ۵ | ۴ |
| | | | |

| ھ | س | ڏ | اي |
|---|---|---|---|
| ۵ | ۷ | ۲ | ۰ |
| +۱ | ۱ | ۲ | ۲ |
| +۳ | ۱ | ۴ | ۷ |
| | | | |

| ھ | س | ڏ | اي |
|---|---|---|---|
| | | | |
| ۷ | ۵ | ۴ | ۶ |
| +۱ | ۳ | ۳ | ۸ |
| | | | |

| ھ | س | ڏ | اي |
|---|---|---|---|
| | | | |
| ۴ | ۹ | ۸ | ۵ |
| +۱ | ۲ | ۴ | ۷ |
| | | | |

| ھ | س | ڏ | اي |
|---|---|---|---|
| | | | |
| ۳ | ۷ | ۵ | ۸ |
| +۲ | ۱ | ۸ | ۴ |
| +۳ | ۴ | ۰ | ۳ |
| | | | |

**(۲) اُڀي اڏاوت ۾ جوڙ ڪريو.**

- ۲۳۱۵ +۳۶۸۳
- ۴۲۰۶ +۴۷۹۲
- ۳۰۰۱ +۵۷۶۸
- ۳۳۵۴ +۵۰۹۸
- ۳۴۵۲ +۵۸۶۹
- ۴۳۵ +۳۷۸ +۱۲۶۷

**(۳) هيٺ ڏنل لفظي مثال حل ڪريو.**

- هڪ ڪارخاني ۾ پهرين ڏينهن ۲۳۵۴ رانديڪا تيار ٿيا. ٻئي ڏينهن ۱۲۲۳ رانديڪا تيار ٿيا، ٻڌايو تہ ٻنهي ڏينهن ۾ گهڻا رانديڪا تيار ٿيا؟
- پوڪرڻي ڳوٺ ۾ ۵۱۳۴ مرد ۽ ۴۷۶۵ عورتون آهن تہ اُن ڳوٺ ۾ ڪُل ڪيتري آدمشماري؟
- هِرڪڻي مهلا بچت گٽ بئنڪ کاتي ۾ ۶۷۱۸ روپيا جمع هئا اُن ۾ هلندڙ مهني ۲۸۴۵ روپيا بچت جمع ٿيا تہ هاڻي اُن کاتي ۾ ڪُل رقم ڪيتري؟
- هڪ سرڪاري گودام ۾ ۵۹۹ چانورن جون ڳوٿيون هيون اُن ۾ چانورن جون ۱۸۸۸ ڳوٿيون وڌيڪ جمع ڪيون ويون تہ گودام ۾ ڪُل گهٽيون چانورن جون ڳوٿيون جمع ٿيون؟
- ڪيتي سهايتا فنڊ لاءِ هڪ هفتي ٻارن ۳۹۵۰ روپيا ۽ ٻئي هفتي ۵۹۸۰ روپيا ڊونيشن رقم جمع ڪئي ٻڌايو تہ ڪُل ڪيتري رقم جمع ٿي؟
- اِسڪول جي لائبرريءَ ۾ ۳۱۵۴ ڪتاب هئا اِسڪول اَڄان ۱۲۳۰ ڪتاب خريد ڪيا ۽ اِسڪول کي ۱۱۴۰ ڪتاب سوکڙي روپ ۾ مليا ٻڌايو تہ اِسڪول لائبرريءَ ۾ ڪُل گهڻا ڪتاب هئا؟

ماسترن لاءِ : شاگردن کان مٿي قسم جي جوڙ بابت چرچا ڪري اُنهن جو آپياس ڪرائي وٺو.



## ڏنل چاٽ موجب جوڙ جا لفظي مثال تيار ڪري حل ڪريو.



### سمجهي وٺو.

**مثال : ڏنل چاٽ**

مرد ووٽر ٤١٦٧ عورتون ووٽر ٤٢٨٤

لفظي مثال هيٺئين نموني

◉ سروڙي ڳوٺ ۾ ٤١٦٧ مرد ووٽر ۽ ٤٢٨٤ عورتون ووٽر آهن تہ اُن ڳوٺ ۾ ڪُل ڪيترا ووٽر آهن؟

سروڙي ڳوٺ ۾ ڪُل ٨٤٥١ ڪيترا ووٽر آهن؟

| هه | س | ڏ | اي | |
|---|---|---|---|---|
| | ١ | ١ | | |
| ٤ | ١ | ٦ | ٧ | مرد ووٽر |
| + ٤ | ٢ | ٨ | ٤ | عورتون ووٽر |
| ٨ | ٤ | ٥ | ١ | ڪُل ووٽر |

## آپياس

**(١) ڏنل چاٽ موجب لفظي مثال تيار ڪريو ۽ حل ڪريو.**

◉ اسڪول جي ٻچت بئنڪ
گُذريل مهني جي ٻچت ٥٨٦٩
هلندڙ مهني جي ٻچت ٣٠٨٥

◉ بوٽا لڳائڻ
انبن جا بوٽا ٤٢٧٢
ڇُڪن جا بوٽا ١٨٦٤
ناريل جا بوٽا ٢٤٥٦

◉ ڪمپنيءَ ۾ مزور
مرد مزور ١٥٦٠
عورتون مزور ١٤٧٩

◉ خميص جي قيمت = ١٢٧٥ ر
پئنٽ جي قيمت = ١٨٩٩ ر

## ڪٽ



### سمجهي وٺو.

◉ اِسڪول جي ساليانو جلسي لاءِ ٩٨٥٠ روپيا جمع ٿيا.
اُنهن مان ٨٤٣٠ روپيا خرچ ٿيا تہ باقي ڪيتري رقم بچي؟

باقي بچيل رقم ١٤٢٠ روپيا.

| هه | س | ڏ | اي | |
|---|---|---|---|---|
| ٩ | ٨ | ٥ | ٠ | جمع رقم |
| − ٨ | ٤ | ٣ | ٠ | خرچ ٿيل رقم |
| ١ | ٤ | ٢ | ٠ | باقي رقم |

◉ سون ڳوٺ جي آبادي ٧٤٣٦ مان ٣٧٦٥ مرد آهن ته عورتن جو عدد ڪيترو؟

| | هـ | س | ڏ | اِي |
|---|---|---|---|---|
| | ٦ | ١٣ ⑥ | ١٣ | |
| ڪُل ماڻهن جو عدد | ~~٧~~ | ~~٤~~ | ~~٣~~ | ٦ |
| مردن جو عدد | – ٣ | ٧ | ٦ | ٥ |
| عورتن جو عدد | ٣ | ٦ | ٧ | ١ |

سون ڳوٺ جي عورتن جو عدد ٣٦٧١ آهي.

## اَڀياس

**(١) ڪٽ ڪريو.**

| هـ | س | ڏ | اِي |
|---|---|---|---|
| ٥ | ٤ | ٨ | ٧ |
| – ٢ | ١ | ٦ | ٥ |
| | | | |

| هـ | س | ڏ | اِي |
|---|---|---|---|
| ٦ | ٨ | ٩ | ٠ |
| – ٤ | ٥ | ٧ | ٠ |
| | | | |

| هـ | س | ڏ | اِي |
|---|---|---|---|
| ٨ | ٢ | ٠ | ٣ |
| – ٧ | ١ | ٠ | ٢ |
| | | | |

| هـ | س | ڏ | اِي |
|---|---|---|---|
| | | | |
| ٤ | ٦ | ٨ | ٢ |
| – ٢ | ٧ | ٦ | ٥ |
| | | | |

| هـ | س | ڏ | اِي |
|---|---|---|---|
| | | | |
| ٥ | ٨ | ٦ | ٤ |
| – ٣ | ٩ | ٧ | ٨ |
| | | | |

| هـ | س | ڏ | اِي |
|---|---|---|---|
| | | | |
| ٨ | ٠ | ٤ | ١ |
| – | | | |
| ١ | ٠ | ٨ | ٩ |

**(٢) اُڀي اڏاوت ۾ ڪٽ ڪريو.**

◉ ٩٩٧ – ٧٤٥٦  ◉ ٣٥٨٩ – ٦٤٧٩  ◉ ٣٩٤٣ – ٧٥٦١

◉ ٢٦٦٦ – ٥٤٤٤  ◉ ٢٤٦٤ – ٥٤٠٠  ◉ ٣١٠٨ – ٨٠٠٤

**(٣) هيٺ ڏنل مثال حل ڪريو.**

◉ وديا مندر مانگولي اِن اِسڪول ۾ پڪنڪ لاءِ ٩٩٩٠ روپيا جمع ٿيا اُنهن مان ٨٨٧٠ روپيا خرچ ٿيا ته باقي ڪيتري رقم بچي؟

◉ پڙس ڳوٺ ۾ پرائمري اِسڪول ۾ ١٩٥٠ ڪلوگرام چانور حاصل ٿيا. اُنهن مان ١٨٤٠ ڪلوگرام چانور ڪاڏي لاءِ ڪم آندا ويا ٻڌايو ته باقي گهڻا ڪلوگرام چانور بچيا؟

- سنهيل جي پرنٽنگ پريس ۾ بجلي ميٽر ۾ ١ جولاءِ | ٣ | ٤ | ٤ | ٦ | اِها ريڊنگ هئي. ١ آگسٽ | ٥ | ٦ | ٥ | ٧ | اها ريڊنگ ٿي تہ جولاءِ مهني ۾ ڪل ڪيترا يونٽ واپرايا ويا؟
- ون شري بوٽا باغ ۾ ٧٤٧٥ بوٽا آهن. ون-راڄ بوٽا باغ ۾ ٩٧٥٠ بوٽا آهن تہ ون شري بوٽا باغ ۾ ون راڄ بوٽا باغ ڀيٽ ۾ گهٽا بوٽا وڌيڪ آهن؟
- شامراءِ کير گڏ ڪندڙ مرڪز ۾ ١٠ ڏينهن ۾ کير بل ۾ ٩٧٥٠ روپيا گڏ ٿيا. جانورن جي چاري ۽ ٻين ڳالهين تي ٥٩٢٠ روپيا خرچ ٿيو تہ شامراءُ وٽ اُن مان ڪيتري رقم بچي؟
- ڪنيا وديا ۾ ٻوڌ-پيڙت فنڊ ۾ ٨٩٧٢ روپيا جمع ٿيا. ڪمار وديا مندر ۾ ٻوڏ پيڙهت فنڊ ۾ ٧٩٦٤ روپيا جمع ٿيا تہ ٻنهي فنڊن ۾ ڪيترو فرق آهي؟

**ڏنل چاڻ موجب ڪٽ جا لفظي مثال تيار ڪري حل ڪرڻ.**



## ڏنل چاڻ.

- ڪنچن جنگا چوٽيءَ جي اوچائي ٨٥٨٦ ميٽر، ڪلسوبائي چوٽيءَ جي اوچائي ١٦٤٦ ميٽر.
- **لفظي مثال :** ڪنچن جنگا چوٽيءَ جي اوچائي ٨٥٨٦ ميٽر، ڪلسوبائي چوٽيءَ جي اوچائي ١٦٤٦ ميٽر آهي تہ ڪنهن جي چوٽي وڌيڪ اوچائيءَ واري آهي؟ ڪيتري؟ ڪنچن جنگا چوٽيءَ جي اوچائي اِها ڪلسوبائي چوٽيءَ جي ڀيٽ ۾ ٦٩٤٠ ميٽر وڌيڪ آهي.

| | اي | ڏ | س | هـ |
|---|---|---|---|---|
| | | | ١٥ | ٧ |
| ڪنچن جنگا چوٽي جي اوچائي | ٦ | ٨ | ~~٥~~ | ~~٦~~ |
| ڪلسوبائي چوٽي جي اوچائي | ٦ | ٤ | ٦ | ١ − |
| اوچائي ۾ فرق | ٠ | ٤ | ٩ | ٦ |

## اڀياس

**(١) ڏنل چاڻ موجب ڪٽ جا مثال تيار ڪري ۽ حل ڪريو.**

- بولولي مرڪز ۾ اِسڪول ۾ ٻار ڪُل شاگرد ٣١٢٤ چوڪريون ١١١٣
- پرانجل بچت کاتو ڪُل رقم ٩٤٤٢ روپيا
  کاتي مان ڪڍيل رقم ٣٥٥٠ روپيا
- نوي ڳانوَ وديا مندر حاصل چانور ٤٢٤١ ڪ.گ رڌل چانور ٣١٨٧ ڪ.گ
- سوهم وٽ رقم ٩٤٥٠ خريديءَ تي خرچ ڪيل رقم ٦٨٦٥ روپيا.



**ماسترن لاءِ :** شاگردن کي ڀارت ۽ مهاراشٽر ۾ جُدا جُدا جبلن جي اوچائي ۽ اِستان جي چاڻ ڏيو. اُن حوالي جوڙ ڪٽ ڪرڻ جا شخصي سوچي ٺاهڻ جي عادت آڻيو.

(٢) جوڙ ڪٽ جا پاڻ ۾ لاڳاپو واپرائي مثال حل ڪريو.

- ٦٧٢٤ + ☐ = ٩٨٦٧
- ☐ − ٢٧٩٤ = ٦٤٣٢
- ☐ − ٣٨٧٢ = ٤٧٧٧
- ☐ − ☐ = ٢٣٤٥
- ☐ + ٢٥٦٣ = ٧٤٠٩
- ٥٤٥٠ − ☐ = ٢٦٥٠
- ☐ + ☐ = ٩٠٩٨
- ☐ − ☐ = ☐

(٣) هڪ مسافر ريل گاڏي پُٽي کان مُمبئي لاءِ نڪتي اُها پهريائين لوناوالا پوءِ ڪلياڻ اِنهن اِسٽيشنن تي بيني. گاڏيءَ ۾ چڙهندڙ ۽ لهندڙ مسافرن جو عدد چتر ۾ ڏنل آهي. اُن مان هيٺ ڏنل مثال حل ڪريو.

ياترا شروع

پُٽي

مسافر چڙهيا ١٠٠٥




لوناوالا اِسٽيشن

ڪلياڻ اِسٽيشن

مسافر لٿا ٢٤٩

مسافر چڙهيا ١٥٩

مسافر لٿا ٥٤

مسافر چڙهيا ٢٦٠

چترپتي شواجي مهاراج اِسٽيشن

ممبئي

آخري اِسٽيشن

ممبئي اِسٽيشن تي ڪيترا مسافر لٿا؟

اِهو ڳولهي لکو.

☐

# عددي - ٻنڌ



## سمجهي وٺو.

- ١٠٠ جو عددي ٻنڌ تيار ڪريو.
- ڏنل نموني موجب باقي مثالن ۾ خال ڀريو.






**ماسترن لاءِ :** ١٠٠ تائين عددي ٻنڌ تيار ڪرايو ۽ اُن جو اَڀياس ڪرايو. اِن جو اِستعمال جوڙ ۽ ڪٽ ۾ ڪيئن ٿيندو، اِهو ڌيان ۾ آڻيو.

## ڪاپريڪر مقرر انگ



### سمجهي وٺو.

◉ ڪهڙو بہ چار انگي عدد کڻو اُن ۾ سڀ انگ جُدا جُدا هُجن. مثال ٣٥٢٤

ڏنل عدد ۾ انگن جو گهٽجندڙ سلسلو = ٥٤٣٢

ڏنل عدد ۾ انگن جو وڌندڙ سلسلو = ٢٣٤٥

◉ وڏي عدد مان ننڍو عدد ڪٽ ڪريو.

| | |
|---|---|
| ٥٤٣٢<br>− ٢٣٤٥<br>٣٠٨٧ | انگن جو گهٽجندڙ سلسلو : ٥٤٣٢<br>انگن جو وڌندڙ سلسلو : ٢٣٤٥ |

هاڻي ٣٠٨٧ اِن عدد ۾ انگن جو گهٽجندڙ سلسلو عدد ۽ وڌندڙ سلسلو عدد لکو.

◉ وڏي عدد مان ننڍو عدد ڪٽ ڪريو.

| | |
|---|---|
| ٨٧٣٠<br>− ٠٣٧٨<br>٨٣٥٢ | انگن جو گهٽجندڙ سلسلو : ٣٠٨٧<br>انگن جو وڌندڙ سلسلو : ٣٠٨٧ |

◉ وڏي عدد مان ننڍو عدد ڪٽ ڪريو.

| | |
|---|---|
| ٨٥٣٢<br>−٢٣٥٨<br>٦١٧٤ | ٨٣٥٢ ۾ انگن جو گهٽجندڙ سلسلو عدد<br>٨٣٥٢ ۾ انگن جو وڌندڙ سلسلو عدد |
| ٧٦٤١<br>−١٤٦٧<br>٦١٧٤ | ٦١٧٤ انگن جو گهٽجندڙ سلسلو عدد<br>٦١٧٤ انگن جو وڌندڙ سلسلو عدد<br>٦١٧٤ ۾ ڪيترائي دفعا ڪاروائي ڪرڻ سان جواب ٦١٧٤ ئي حاصل ٿئي ٿو، اِهو ڌيان ڏيو. |

**ڀارتيہ گيان سرشتو**

ڀارتيہ حسابي ماهر دتاتريہ رامچندر ڪاپريڪر اِن ١٩٤١ ۾ هڪ عجيب جاچ ڪئي. ڪهڙو بہ چار انگي عدد (سڀ انگ جُدا) کڻو. اُن عدد ۾ انگن جو گهٽجندڙ سلسلو ۽ وڌندڙ سلسلو عددن ۾، وڏي عدد مان ننڍو عدد ڪٽ ڪريو. اِها ڪاروائي هر گهڙي ڪريو. پوءِ ڪجهہ دفعا ڪٽ ڪرڻ بعد ٦١٧٤ اِهو عدد حاصل ٿيندو. ٦١٧٤ اِهو عدد آهي ڪاپريڪر مقرر انگ نالي سان مشهور آهي.



ماسترن لاءِ : مٿي ڏنل نموني ٣ انگن وارن عددن ۾ مقرر انگ ڳولهڻ لاءِ چئو.

## دتاتريه رامچندر ڪاپريڪر



دتاتريه رامچندر ڪاپريڪا جو جنم مهاراشٽر جي ڊهاڻو ۾ ۱۷ جنوري ۱۹۰۵ ۾ ٿيو. اِسڪول ۾ هوندي ٻيو اپياس پيٽ ۾ عددن جي دنيا ۾ مشغول هوندو هو. حسابي پروليون ڇڏائڻ، يڪدم ڳڻپ ڪرڻ ، حسابي رانديون اِنهن سيني ۾ سندس عادتن ڪري هن کي 'انگ دوست' چوندا هئا.

پڻي ۾ فرگيوسن ڪاليج ۾ گرئجوئيٽ تعليم پوري ڪرڻ بعد ڊهاڻو، ٺاڻي، ناسڪ اِنهن جڳهين تي ماسٽر پيشي ۾ رُڌل رهيو. ڪيس ڪاليج دواران رنگلر .ر.پ پرانجپي حساب اِنعام سان نوازيو ويو. ڪاپريڪر کي 'اِنڊين مئٿيٽيڪل سوسائٽي' آنرري ميمبر طور پد ڏنو ويو هر سال سنستا جي ميٽنگ ۾ هو نوان نوان تحقيقي ڪاريه پيش ڪندو هو.

حسابن جي وشيه ۾ سندس ڪيل کوج مقرر انگ مشهور آهي. ٦١٧۴ اِن کي ڪاپريڪر مقرر انگن چئبو آهي. جيڪو خاص حسابي ڪاروايون ڪان پوءِ ملندڙ مقرر عدد آهي. اُن ئي نموني ۵۹۴ ٽن انگن وارن عددن لاءِ پڻ مقرر انگ ڪاپريڪر ڳولهي ڪڍو. عددن مٿان اٿوٽ پريم ۽ موهه اِن خاصيت ڪري هن ڪيترائي تحقيقي ڪاريه ڪيا. اِن نموني هن هرشد عدد، وجيه عدد، جادوءِ جو چورس اِنهن اِنهن جي پڻ کوج ڪئي. انترراشٽر سطح تي سندس ۽ سندس کوجن جي تمام گهٽي ساراهه ٿي. ۴ جولاءِ ۱۹۸٦ ۾ ناسڪ ۾ هو سرڳواس ٿيو.

### چرچا ڪريو

(۱) ۵۴٦۵ + ۳۲۴۵ ۽ ۳۳۵۷ + ۵۳۵۳ اِنهن مان وڏو ڪهڙو عدد آهي.

(۲) ۳۷۵٦ + ۲۵۳۴ ۽ ۱۷۳۲ − ۸۰۲۲ اِنهن مان ڪهڙو عدد وڏو آهي.

(۳) راهول چئي ٿو ۲۸٦۵ − ۷۰۰۰ = ۵۲۳۵ اِهو جواب صحيح آهي يا غلط؟ جاچيو.

(۴) چار انگن وارو عدد واپرائي ڪٽ جو هڪ لفظي سوال تيار ڪريو.

## مشغولي پوري ڪريو.

### ٽئنگرام تيار ڪريو.

- پنجن ٽڪرن جو ٽئنگرام تيار ڪرڻ جو طريقو هڪ چورس آڪار ڪاغذ ڪٽو. اُن ڪاغذ کي موڙي چورس جو وچ ڳولهيو ڇئن ئي ڪنارن جي مدين-ٽبڪي تي نشان ڪريو. شڪل ۾ ڏيکاريل موجب ليڪ ڪڍي چورس جو وچ ۽ ڪنارن جو وچ ملايو.




- شڪل ۾ ڏيکاريل موجب ليڪن تي ڪپي پنج ٽُڪرا تيار ڪريو. توهانجو تيار ڪيل ٽئنگرام اُن جو اِستعمال ڪري هينين سوالن جا جواب ڏيو.
  - توهان جي ٽئنگرام ۾ ڪهڙا ٽڪنڊا آهن؟
  - سڀ ٽڪنڊا هڪ جهڙا آهن ڇا؟
  - ﺑﻪ ٽڪنڊا ملائي هڪ چورس تيار ٿي سگهي ٿو ڇا؟
  - ﺑﻪ ٽڪنڊا ملائي هڪ وڏو ٽڪنڊو تيار ٿي سگهي ٿو ڇا؟
  - اِن ۾ ڪهڙا چورس آهن؟ ڪهڙا چوڪنڊا آهن؟ مستطيل تيار ٿي سگهندو ڇا؟

## مشغولي پوري ڪريو.

(١) ٽئنگرام جي مدد سان جُدا جُدا شڪليون ۽ نقش ٺاهڻ جي رامد گروپن ۾ ڪيڏو.

(٢) توهان جا دوست- مت مائٽ پاڻ -پيڻ وغيره سان گڏجي ٽئنگرام جي مدد سان جُدا جُدا اڌپور انگ ڪيئن ڏيکارجن، اِن تي چرچا ڪريو. جيئن ٥ اِهو اصل پوري عدد جو $\frac{١}{٤}$ ڏيکاري ٿو.

- هيٺ ڏنل شڪلين ۾ ڏيکاريل اڌپور انگن مان شڪل پوري ڪريو.




ماسترن لاءِ : حسابي پيٽيءَ ۾ ٽئنگرام جي مدد سان پُٺو/ ڪاغذ جي مدد سان ٽئنگرام ٺاهڻ جي مشغولي شاگردن کان ڪرايو. اُن ۾ ٽڪرن مان سندن پسند موجب رنگ ڀرڻ لاءِ چئو. هڪ پوري انگ جا $\frac{١}{٢}$، $\frac{١}{٤}$، $\frac{١}{٨}$ پاڱا، اڌ، ٻيڻو نيم تي چرچا ڪرايو.

# ڳڊيل اڌپور انگ







راجو گهٽيون پوريون کاڌيون اِهو چتر روپ ۾ ڏسون.



هڪ سڄي پوري ۽ اڌ پوري مطلب ڏيڍ پوري

$$۱\frac{۱}{۲} = ۱\frac{۱}{۲} = \frac{۳}{۲}$$

هڪ سڄي پوري جا ٻه حصا ڪيا آهن
مطلب ڇيد جڳهه تي ۲ لکيل آهن.



هڪ پوري ۽ اڌ پوري

$$\frac{۴}{۴} \text{ ۽ } \frac{۲}{۴} = \frac{۶}{۴} = ۱\frac{۲}{۴}$$

هڪ سڄي پوري جا چار حصا ڪيا آهن
مطلب ڇيد جڳهه تي ۴ لکيل آهن.

هڪ سڄي کان وڌيڪ اڌپور انگ مطلب ڳڊيل اڌپور

## سوا، سوا ٻه، سوا ٽي

| وهنواري نالو | چتر روپ | لکڻ | پڙهڻ |
|---|---|---|---|
| سوا |  | $۱\frac{۱}{۴}$ | هڪ سڄو هڪ پاڱي چار |
| سوا ٻه |  | $۲\frac{۱}{۴}$ | ٻه سڄا هڪ پاڱي چار |
| سوا ٽي |  | $۳\frac{۱}{۴}$ | ٽي سڄا هڪ پاڱي چار |

## ڏيڍ، اڍائي، ساڍي ٽي

| وهنواري نالو | چتر روپ | لکڻ | پڙهڻ |
|---|---|---|---|
| ڏيڍ |  | $۱\frac{۱}{۲}$ | هڪ سڄو هڪ پاڱي ٻه |
| اَڍائي |  | $۲\frac{۱}{۲}$ | ٻه سڄا هڪ پاڱي ٻه |
| ساڍي ٽي |  | $۳\frac{۱}{۲}$ | ٽي سڄا هڪ پاڱي ٻه |



ماسترن لاءِ: اڌپور انگ ۾ ڏيڍ اِهو تصوُر شين جي مدد سان (مثال چاڪ، وڻ جا پن) واپرائي وڌيڪ مضبوط ڪريو.

## پوڻين ٻه، پوڻين ٽي، پوڻين چار

| وهنوارڪ نالو | چٽر روپ | لکڻ | پڙهڻ |
|---|---|---|---|
| پوڻين ٻه |  | $۱\frac{۳}{۴}$ | هڪ سڄو ٽي پاڱي چار |
| پوڻين ٽي |  | $۲\frac{۳}{۴}$ | ٻه سڄا ٽي پاڱي چار |
| پوڻين چار |  | $۳\frac{۳}{۴}$ | ٽي سڄا ٽي پاڱي چار |

◉ تختو پورو ڪريو.

$\frac{۱}{۴}$ اِهو هڪ اڻپور انگ گهڻا دفعا ڪنيل آهي اُهو ڏنل آهي. اُن جي چٽر روپ ۾ اڏاوت ڪريو ۽ اُن جو وهنواري نالو لکو.

| $\frac{۱}{۴}$ گهڻا دفعا؟ | چٽر روپ اَڏاوت | وهنواري نالو | لکڻ اڻپور (انگن ۾) | انس وڏيڪ/ چيد وڏيڪ |
|---|---|---|---|---|
| ۲ دفعا | | | | |
| ۳ دفعا | | | | |
| ۴ دفعا | | | | |
| ۵ دفعا | | | | |
| ٦ دفعا | | | | |
| ۷ دفعا | | | | |
| ۸ دفعا | | | | |
| ۹ دفعا | | | | |



ماسترن لاءِ : شاگردن کي چٽر روپ ۾ اڻپور انگ ڏيکارڻ ۽ اڻپور انگن جا وهنواري (نالا) پڙهڻ ۽ لکڻ جو اَڀياس ڪرايو. چيد جاءِ تي ۳، ۵، ۸، وغيره اهڙا عدد هوندڙ جا مثال چٽرن سميت شاگردن کي سُڃاڻڻ لاءِ چئو.

## اڀياس

**(١) ڏنل اڌپور چتر روپ ۾ ڏيکاريو. انگن ۽ اکرن ۾ لکو.**

| اکري | اڌپور انگ چتر روپ ۾ | ڪيترا سڄا | ڪيترا اڌپور | پڙهڻ لکڻ | وهنواري نالو |
|---|---|---|---|---|---|
| ٥ پاءُ |  | ١ سڄو | $\frac{1}{4}$ جو | ١$\frac{1}{4}$ هڪ سڄو هڪ پاڱي چار | سوا |
| ٦ پاءُ |  | | | | ........ |
| ٧ پاءُ | | | | | ........ |
| ٣ اَڌ | | | | | ........ |
| ٣ اڌ ۽ ١ پاءُ | | | | | ........ |

**(٢) هيٺ ڏنل تختو پورو ڪريو.**

| نمبر | ڇا ڏيکارڻو آهي؟ | چتر روپ | ڳڏيل اَڌپورو | مطلب ڪيترو؟ |
|---|---|---|---|---|
| ١ | ڏيڍ ڏينهن |  | ١$\frac{1}{2}$ | ٢٤ ڪلاڪ+ ١٢ ڪلاڪ =٣٦ ڪلاڪ |
| ٢ | سوا ٻه ڪلاڪ |  | | ٢ ڪلاڪ+پاءُ ڪلاڪ ١٢٠ منٽ+ ١٥ منٽ=١٣٥ منٽ |
| ٣ | ساڍا ٽي سال | | | ........................ مهنا |
| ٤ | سوا ڊزن | | | ........................نگ |



ماسترن لاءِ : چتر روپ ۾ ڏيکاريل اڌپور انگن کي ڳڏيل اڌپور ۾ بدلائڻ ۽ اُن وقت هڪ سڄو ڪيترا حصا ڪيل آهي، اِن بابت شاگردن کي ڌيان ۾ آڻيو.

### (۴) ڏنل شڪلين ۾ هدايت موجب رنگ ڀريو.



حصو $\frac{۲}{۳}$    حصو $\frac{۴}{۶}$    حصو $\frac{۱}{۴}$    حصو $\frac{۳}{۴}$

توهان $\frac{۱}{۸}$ حصو رنگي سگهو ٿا ڇا؟

### (۵) هيٺ شڪلين ۾ رنگيل حصو اڌپور انگ روپ ۾ لکو.



### (۶) ڏنل گروپ ۾ ڏنل اڌپور انگ جهڙي حصي مٿان ⬭ ڪريو.

| اڌپور انگ | گروپ |
|---|---|
| $\frac{۱}{۲}$ |  |
| $\frac{۳}{۴}$ |  |
| $\frac{۳}{۵}$ |  |
| $\frac{۲}{۴}$ |  |

### (۷) ڏنل شڪل ۾ $\frac{۳}{۴}$ حصو رنگيو.





ماسترن لاءِ : شاگردن کي ○، □، ▭، △ اهڙين شڪلين ۾ سوا، ڏيڍ، پوڻين ۽ وغيره انگ ڏيکاريندڙ شڪلين جي اِسڪيچ ڪرڻ، لکڻ جو اَڀياس ڪرايو. پالڪ، دوست، منڊلي ۾ چرچا ڪرائي سوا، ڏيڍ، پوڻين ۽ وغيره اڌپور انگ جون جي ياداشت ناهڻ جو پروجيڪٽ ڏيو. اوريگامي جو اِستعمال ڪري اڌپور انگ چٽيءَ طرح سمجهايو.

## چرچا ڪريو.

اِسڪول جي ميدان ۾ ڏنل شين کي ماپڻ لاءِ مناسب ايڪن جو اِستعمال ڪرڻو آهي.
توهان ڪهڙا ايڪا ڪم آڻيندا ۽ ڊيگهه ماپيندا، اُهو مقرر ڪريو.



◉ هيٺ ڏنل تختي ۾ شين جي ڊيگهه ماپڻ لاءِ ڪهڙو ايڪو ڪم آڻيندا اُهو لکو.

| | | | |
|---|---|---|---|
| .١ |  | بيٽ جي ڊيگهه | ------------------------------ |
| .٢ |  | بيٽ جي ويڪر | --------------------------- |
| .٣ |  | اِسٽئمپ جي اوچائي | ------------------------------ |
| .٤ |  | بيل اِسٽڪ جي ڊيگهه | ------------------------ |
| .٥ |  | ڀالي جي ڊيگهه | --------------- |
| .٦ |  | کو-کو جي ٻن ٿنڀن وچ ۾ مفاصلو | --------------- |

• کو-کو جي ٿنڀن جو مفاصلو فوٽ پٽيءَ سان ماپڻ ۾ تڪليف ٿئي ٿي اِن بابت ڪلاس ۾ چرچا ڪريو.

ماسترن لاءِ : ڊيگهه ماپڻ لاءِ ايڪن جو اِستعمال لاءِ جُدا جُدا سوالن جي مدد سان شاگردن ۾ چرچا ڪرايو. حسابي پيٽيءَ جي سامگري واپرائي شاگردن کي ڊيگهه، ويڪر، اوچائي، ٿولهه، مفاصلو لهڻ جو موقعو ڏيو.

## مشغولي پوري ڪريو.

سيني ٻارن کي ليڪ کان اندازي ڇهه ميٽر بال اُڇلائڻو آهي. بال جو پهريون ٽپو جتي پوي اُتي چاڪ سان نشان ڪريو. عملي طرح ميٽرپٽيءَ وسيلي ماپيو ۽ اُهو تختي ۾ درج ڪريو.



(اندازي وارو مفاصلو اِن تختي ۾ جيڪو جواب هجي اُتي ✓ نشاني ڪريو.)




| نمبر | شاگرد جو نالو | اندازي مفاصلو | | | شخصي طور ماپيل مفاصلو |
|---|---|---|---|---|---|
| | | ٦ م کان وڌيڪ | ٦ م کان گهٽ | ٦ ميٽر | |
| ١ | | | | | |
| ٢ | | | | | |
| ٣ | | | | | |
| ٤ | | | | | |
| ٥ | | | | | |

**ڌيان ڏيو :** ميٽر مطلب ’م‘ ۽ سينٽي ميٽر س م اهڙي نموني لکبو آهي.

## ياد ڪريو.

اَسان ٽئين درجي ۾ ميٽر نوڙي تيار ڪئي آهي. اُن ميٽر نوڙي مان $\frac{1}{2}$ اَڌ ميٽر، $\frac{1}{4}$ ميٽر مطلب پاءُ ميٽر اَهڙا نشان ڪيا آهن.

- ميٽر نوڙي جاچي چرچا ڪريو.




- ٻه دفعا اڌ ميٽر ملائڻ مطلب ١ ميٽر
- چار دفعا پاءُ ميٽر ملائڻ مطلب ١ ميٽر
- ٽي دفعا پاءُ ميٽر ملائڻ مطلب مُنو ميٽر
- اڌ ميٽر ۽ پاءُ ميٽر ملائڻ مطلب مُنو ميٽر
- هڪ دفعو مُنو ميٽر ۽ هڪ دفعو پاءُ ميٽر ملائڻ مطلب ١ ميٽر ڏيگهه.

**ماسترن لاءِ :** ’ڏگهو ٽپو‘ راندڪرايو. شاگردن کي ٽپي جي ڏيگهه اندازي لڳائڻ لاءِ چئو پوءِ شخصي طور ماپيو ۽ اُنهن ٻنهي ۾ فرق ڪڍو. اندازو ڪيترو دُرست آهي؟ اِهو ڏسو اُنهن دُرست اندازو لڳائڻ ۾ واڌارو آڻيو.

# ميٽر - سينٽي ميٽر



**سمجهي وٺو.**

◉ ميٽر کي سينٽي ميٽر ۾ بدلائڻ.

اَسان کي ڄاڻ آهي ١م = ١٠٠ س م

١ م.

.............. ١٠٠ س م ............

٢ ميٽر = ١٠٠ س م + ١٠٠ س م

١٠٠ سينٽي ميٽر ڊيگهه واريون ٢ نوڙيون ملائڻ سان اُنهن جي ڊيگهه ٢٠٠ س م (٢ ميٽر) ٿئي ٿي.

◉ ميٽر کي سينٽي ميٽر ۾ بدلائڻ سمجهي وٺون.

١ م. = ١٠٠ س م      ٢ م. = ٢ × ١٠٠ س م = ٢٠٠ س م

٣ م. = ٣ × ١٠٠ س م = ٣٠٠ س م      ٤ م. = ٤ × ١٠٠ س م = ٤٠٠ س م

## اَڀياس

◉ خالي جاين تي صحيح جواب لکو.

◉ ٥ م. = ٥ × ١٠٠ س م = ..... س م      ◉ .....م = ٨ × ١٠٠ س م = ..... س م

◉ ٧ م. = ٧ × ..... س م = ..... س م      ◉ .....م = ٦ × ١٠٠ س م = ..... س م

◉ ٩ م. = ٩ × ..... س م = ..... س م      ◉ ١٥ م. = ١٥ × ١٠٠ س م = ..... س م

◉ ..... = ..... × .....س م = ١٧٠٠ س م      ◉ ١٩ م. = ..... × ..... س م = ..... س م

◉ توهان جي ڪلاس جي ڊيگهه، ويڪر جو اندازو لڳايو ۽ پوءِ شخصي طور ماپيو ۽ تختي ۾ لکو.

| نمبر | نالو | اندازي واري ماپ (ايڪن سميت) | | شخصي طور ماپ (ايڪن سميت) | |
|---|---|---|---|---|---|
| | | ڊيگهه | ويڪر | ڊيگهه | ويڪر |
| ١ | | | | | |
| ٢ | | | | | |
| ٣ | | | | | |
| ٤ | | | | | |
| ٥ | | | | | |



ماسترن لاءِ : شاگردن کي ١ ميٽر ڊيگهه نوڙي تيار ڪرڻ لاءِ چئو ۽ اُن جا ٻه برابر حصا ڪرڻ لاءِ چئو. اُنهن ٻن برابر حصن جا اَڌ ٻه برابر حصا ڪرڻ لاءِ چئو اِهي چار حصا ملائڻ سان ڊيگهه ١ ميٽر هوندي. اِهو جاچڻ لاءِ چئو. ميز،وراندو، دروازو وغيره اِنهن جي ڊيگهه اندازو لڳائڻ لاءِ چئو ۽ شاگردن جي اوچائي هڪ هڪ ڪري ماپيو.

# سينٽي ميٽر - مِلي ميٽر

## مشغولي پوري ڪريو

◉ پينسل پٽي، ربڙ جي ڊيگهه ماپيو.













## سمجهي وٺو.

◉ هرهڪ ۱ س م ايڪي جا ۱۰ ننڍا برابر حصا ڪيل هوندا آهن.







◉ سينٽي ميٽر کي ملي ميٽر ۾ بدلائڻ.

- ۱ س م = ۱ × ۱۰ م م = ۱۰ م م
- ۲ س م = ۲ × ۱۰ م م = ۲۰ م م
- ۳ س م = ۳ × ۱۰ م م = ۳۰ م م
- ۴ س م = ۴ × ۱۰ م م = ۴۰ م م

## ڌيان ڏيو.

۱ سينٽي ميٽر = ۱۰ ملي ميٽر

## اڀياس

**(١) سينٽي ميٽر کي ملي ميٽر ۾ بدلايو.**

- ⦿ ٥ س م = ٥ × ........ م م = ........... م م
- ⦿ ٧ س م = ٧ × .......... م م = ........... م م
- ⦿ ...... س م = ....... × ١٠ م م = ٩٠ م م
- ⦿ ١٢ س م = ....... × ١٠ م م = ......... م م

**(٢) تختي ۾ ڏنل شين جي ڊيگهه اندازي سان ۽ پوءِ شخصي طور ماپي لکو.**

| شين جو نالو | اندازي | | | شخصي طور ماپيل |
|---|---|---|---|---|
| | ا س م کان وڌيڪ | ا س م کان گهٽ | ا س م | |
| ڪٽڪ جو داڻو | | | | |
| راجما ٻج ڊيگهه | | | | |
| مرچ جي ڊيگهه | | | | |
| ڪاپيءَ جي ٿولهه | | | | |
| ڪمپاس پيٽيءَ جي ٿولهه | | | | |
| فرش جي ٿولهه | | | | |

### سوچيو

⦿ ملي ميٽر ۾ ڇا ڇا ماپيو؟ جئين ڏندن جي ڊيگهه، ڪتاب جي ٿولهه.

### جاچيو

⦿ ڀر واري تصوير کي جاچيو ۽ اُن تي چرچا ڪريو.



ماسترن لاءِ : شاگردن کي جُدا جُدا مثالن جي مدد سان جن شين جي ڊيگهه گهٽ هوندي آهي، اُها ملي ميٽر ۾ ماپبي آهي، اِهو چٽيءَ طرح سمجهايو.

## ڪلوميٽر - ميٽر



س بورڊ تي ٣٠ ڪ م، ٢٣ ڪ م، ٢٤ ڪ م، ۴ ڪ م ائين لکيل آهي اِنهن ۾ ڪ م مطلب ڇا؟

ڪ م مطلب ڪلوميٽر ۾ ٻن ڳوٺن وچ ۾ مفاصلو ماپڻ لاءِ ڪلوميٽر (ڪ م) اِهو ايڪو واپرائبو آهي.



ڏنل بورڊ تي جامب (ٻڏرڪ) کان مُڪيڙ مفاصلو ٢٣ ڪ م آهي. ٻن ڳوٺن، شهرن وچ ۾ مفاصلو ڏيکارڻ لاءِ اِهو ايڪو ڪم آڻبو آهي. ڪلوميٽر کي ٽوري ۾ 'ڪ م' ائين لکبو آهي.




◉ شڪل جاچيو ۽ خال ڀريو.

جامب (ٻڏرڪ) کان شِرور مفاصلو = .......... ڪ م

مُڪيڙ کان شِرور مفاصلو = .......... ڪ م

جامب (ٻڏرڪ) کان ڪانڌار مفاصلو = .......... ڪ م

جامب (ٻڏرڪ) کان جلڪوٽ مفاصلو = .......... ڪ م



### ڌيان ڏيو.

◉ ١ ڪ م = ١٠٠٠ م ◉ اڌ ڪ م = ١/٢ ڪ م = ٥٠٠ م

◉ پاو ڪ م = ١/۴ ڪ م = ٢٥٠ م ◉ مُنو ڪ م = ٣/۴ ڪ م = ٧٥٠ م

◉ ڪلوميٽر کي ميٽر ۾ بدلائڻ.

◉ ١ ڪ م = ١ × ١٠٠٠ م = ١٠٠٠ م ◉ ٧ ڪ م = ... × ١٠٠٠ م = ... م

◉ ٢ ڪ م = ٢ × ١٠٠٠ م = ٢٠٠٠ م ◉ ۴ ڪ م = ... × ١٠٠٠ م = ... م

◉ ٣ ڪ م = ٣ × ١٠٠٠ م = ٣٠٠٠ م ◉ ٥ ڪ م = ... × ١٠٠٠ م = ... م

◉ ... ڪ م = ... × .. م = ٦٠٠٠ م ◉ ... ڪ م = ٨ × ١٠٠٠ م = ... م

## آڀياس

(١) بدلايو.

◉ ٢٥ م = .......... س م ◉ ١٥ م = .............. س م

◉ ٥ س م = .......... م م ◉ ۴ ڪ م = .............. م

◉ ٧ ڪ م ٥٠٠ م = .......... م ◉ ٩ م ٥٠ س م = .......... س م



ماسترن لاءِ : مفاصلو (ڊيگهه) ماپڻ ملي ميٽر، سينٽي ميٽر، ميٽر ۽ ڪلوميٽر اهي ايڪا ڪيئن ۽ ڪٿي اِستعمال ڪرڻ گهرجن، اِن بابت شاگردن سان چرچا ڪريو.

## (٢) جوڙا ملايو.

⦿ ’الف‘ گروپ سامهون ’ب‘ گروپ جا مناسب جواب لکو.

| الف گروپ | | ب گروپ |
|---|---|---|
| (ڪ) ٽي ڪ م | (....................) | (١) ١٧٠ م م |
| (ک) سترهان س م | (....................) | (٢) ١٢٠٠ س م |
| (گ) اُٺونجاهه ميٽر | (....................) | (٣) ٣٠٠٠ م |
| (گهه) پنجاهه ميٽر | (....................) | (۴) ٣٠ م م |
| (ڱ) ٻارهان ميٽر | (....................) | (۵) ١٩٠٠ س م |
| (چ) ٽي س م | (....................) | (٦) ۵ س م |

### حسابي مزو.




اُڀي　　　آڏي　　　ٽيڙي

توهان کي ڏنل شين جي ڊيگهه مناسب ساڌن کم آڻي ماپيو. شيءِ کي اُڀو، آڏو ۽ ٽيڙو رکي ماپيو ۽ جاچ درج ڪريو.

| شيءِ جو نالو | اُڀي ماپيل ڊيگهه | آڏي ماپيل ڊيگهه | ٽيڙي ماپيل ڊيگهه |
|---|---|---|---|
| پين | | | |
| پينسل | | | |
| لڪڙي | | | |
| ڪتاب | | | |

**مون کي سمجهه ۾ آيو.**

ڪنهن به شيءِ جي ڊيگهه پرماڻٽ ايڪي سان ماپي ۽ اُڀي، آڏي توڙي ٽيڙي اُها شيءِ ماپڻ سان ماپ ساڳي ئي ايندي.

## چرچا ڪريون.

(۱) ڦيانگي وٽ ۱۰ م، ٦ م ۽ ۱ م ڊيگهه واريون نوڙيون آهن. اِنهن ڊيگهه واريون نوڙيون اِستعمال ڪري ڪيس ۱۵ م ۽ ۵ م مفاصلو ماپڻو آهي تہ هوءَ ڪيئن ماپيندي اِهو لکو.

(۲) ۵ ميٽر ڊيگهه واري رستي تي ۲۵ س م ڊيگهه واريون سرون شروعات کان آخر تائين هڪ ٻئي سان ملائڻ سان ڪل ڪيتريون سرون لڳنديون، ڪيئن ڳولهيندا؟

(۳) هڪ لڪڙيءَ جا ۱۰ برابر حصا ڪيا هرهڪ حصو ۳۰ س م آهي تہ لڪڙي جي ڊيگهه ڪيترا ميٽر هوندي؟

### ڀارتيہ گيان سرشتو

ڀارتيہ حساب ماهر ڀاسڪر آچاريہ جي لکيل ليلاوتي گرنٿ جي شلوڪ ۵ ۾ پراچين زماني ۾ مفاصلا ماپڻ جا ڪيترا ايڪا اِستعمال ٿيندا هئا، اُن بابت ڄاڻ ڏنل آهي.

۸ جَو = ۱ آڱر ، ۲۴ آڱريون = ۱ هٿ، ۴ هٿ = ۱ ڏنڊ، ۲۰۰۰ ڏنڊ = ۱ ڪِروش

۴ ڪروش = ۱ يوجن

### نيرج چوپرا




نيرج چوپرا، ڀارتواسي هڪ ڀالا اُڇلائڻ ۾ ماهر آهي. ٽوڪيو ۲۰۲۰، آمپڪس گيمس ۾ ۷ آگسٽ ۲۰۲۱ ڏينهن ۸۷.۵۸ ميٽر مفاصلي تائين ڀالو اُڇلائي ڀارت جو چئمپيئن‌شپ ۾ پهريون گولڊ ميڊل هن حاصل ڪيو. نيرج چوپرا ڀارت لاءِ گولڊ ميڊل کٽندڙ پهريون ٽرئڪ ۽ فيلڊ جو رانديگر آهي نيرج چوپرا جو جنم ۲۴ ڊسمبر پاڻيپت، هرياڻا ۾ ٿيو. کيس ۲۰۲۲ ۾ ڀارت سرڪار پدم شري اِنعام سان نوازيو.

ماسترن لاءِ : نيرج چوپڙا بابت شاگردن کي وڌيڪ ڄاڻ ڏيو.

# وزن

**سمجهي وٺو.**

هيٺ ڏنل چٽن کي جاچيو ۽ چرچا ڪريو. پُر سِڌائي ۾ هجن اُن لاءِ مناسب وَٽ ۽ ماپ اِستعمال ڪريو.
















**ماسترن لاءِ :** شاگردن کي مٿي ڏنل ٽيون ميسر ڪرائي ڏيو. شاگردن کي خود آزمودو وٺڻ لاءِ موقعو ڏيو.

## ميران ٻائي چانو



ميراٻائي چانو هڪ ڀارتيه وزن کڻندڙ (Weight lifter) رانديگر آهي جنهن ٢٠٢٠ ٽوڪيو آلمپڪس گيمس ۾ عورتن جي ۴٩ ڪلو وزن گروپ ۾ ڪُل ٢٠٢ ڪلو وزن کڻي سِلور ميڊل کٽيو.

آلمپڪس راندين ۾ بئڊمنٽن ۾ سلور ميڊل کٽڻ واري ميراٻائي چانوُ پهرين ڀارتيه محلا آهي سندس جنم ٨ آگسٽ ١٩٩۴ اوير اِمفال، مڻيپور ۾ ٿيو. کيس ڀارت سرڪار ٢٠١٨ ۾ پدمشري اِنعام سان نوازيو ميجر ڌيان چند کيل رتن پرسڪار سان عزت بخشي.

مان....................ڪلو وزن کڻي سگهان ٿو.

### ڌيان ڏيو.

◉ ڪلوگرام کي گرامن ۾ بدلائڻ

• جوڙ ڪريو.

توهان کي ڄاڻ آهي ١ ڪ گ    ١٠٠٠ گرام

٢ ڪلوگرام = ١٠٠٠ گرام + ١٠٠٠ گرام = ٢٠٠٠ گرام ته

١٠٠٠ گرام +١٠٠٠ گرام +١٠٠٠ گرام +١٠٠٠ گرام .......... = ڪ گ

• ضرب ڪريو.

۴ ڪ گ = ۴ × ١٠٠٠ گرام = ۴٠٠٠ گرام

٣ ڪ گ = ٣ × .......گرام =.......گرام

۵ ڪ گ = ۵ × .......گرام = ....... گرام

### مشغولي پوري ڪريو.

◉ راند وزن جي

اِن راند ۾ شاگردن کي پنهنجي وزن جو اندازو لڳائڻو آهي. دوست کي پنهنجي وزن جو اندازو لڳائڻ لاءِ چئو. توهان پنهنجي دوست جي وزن جو اندازو لڳايو. اندازي وارا وزن ۽ شخصي طور کيل وزن، اِنهن ۾ تفاوت ڪري سچي ڄاڻ تختي ۾ ڀريو (ٻن ٻن شاگردن جي جوڙي ٺاهي مشغولي ڪرايو.)

| نمبر | توهان جو پنهنجي وزن جو اندازو | توهان جي وزن جو دوست جو اندازو | شخصي طور ڪيل وزن | وزن اندازي ۽ شخصي طور ۾ فرق | |
|---|---|---|---|---|---|
| | | | | توهان جو | توهان جي دوست جو |
| ١ | ٢٨ ڪ گ | ٣٠ ڪ گ | ٢٩ ڪ گ | ١ ڪ گ گهٽ | ١ ڪ گ وڌيڪ |
| ٢ | | | | | |
| ٣ | | | | | |
| ۴ | | | | | |
| ۵ | | | | | |

(١) چتر جاچيو ۽ اُن نموني مشغولي پوري ڪريو.







۵٠٠ گرام هڪ پئڪيٽ جو وزن = اڌ ڪلوگرام

۵٠٠ گرام ٻن پئڪيٽن جو وزن = ۵٠٠ گرام + ۵٠٠گرام = ١٠٠٠ گرام = ١ ڪلوگرام

اَڌ ڪ . گ + اَڌ ڪ . گ = ١ ڪ . گ

**هڪ پُر ۾ ١ ڪلوگرام دال**

- هڪ پُر ۾ ١ ڪلوگرام دال

٢۵٠ گرام جي چئن پئڪيٽن جو وزن = ٢۵٠ گرام+ ٢۵٠ گرام+ ٢۵٠ گرام + ٢۵٠ گرام = ١٠٠٠ گرام = ١ ڪلوگرام

٢۵٠ گرام جوهڪ پئڪيٽ = پاءُ ڪلوگرام

٢۵٠ گرام = $\frac{١}{۴}$ ڪ گ = پاءُ ڪلوگرام








**ڌيان ڏيو.**

(١) پاءُ ڪلوگرام = ٢۵٠گرام

(٢) اڌ ڪلوگرام = ۵٠٠گرام

(٣) مُنو ڪلوگرام = ٧۵٠گرام

(۴) هڪ ڪلوگرام = ١٠٠٠ گرام

(۵) سوا ڪلوگرام = هڪ ڪلو ٢۵٠ گرام

(٦) ڏيڍ ڪلوگرام = ١ ڪلو ۵٠٠ گرام

(٧) پوڻي ٻہ ڪلو = ١ ڪلوگرام ٧۵٠ گرام

(٨) سوا ٻہ ڪلو = ٢ ڪلوگرام ٢۵٠ گرام

(٩) اڌائي ڪلوگرام = ٢ ڪلوگرام ٥٠٠ گرام
(١٠) پوڻي ٽي ڪلوگرام = ٢ ڪلوگرام ٧٥٠ گرام
(١١) سوا ٽي ڪلوگرام = ٣ ڪلوگرام ٢٥٠ گرام
(١٢) ساڍي ٽي ڪلوگرام = ٣ ڪلو ٥٠٠ گرام



## مشغولي پوري ڪريو.

(١) اَنڪُور کي ڪريانا سامان آڻڻ ۾ مدد ڪريو.



پاءُ ڪلو، اڌ ڪلو خبر آهي، پر سَوا ڪلو، ڏيڍ ڪلو، اَڍائي ڪلو، پوڻا ٽي ڪلو ڪيئن ماپبو.

**سامان جي لسٽ**

(١) مصري پاءُ ڪلو
(٢) ڏونگي اَڌ ڪلو
(٣) پوها سواڪلو
(۴) مُگن جي دال ڏيڍ ڪلو
(۵) روا پوڻا ٻہ ڪلو
(٦) ڪنڊ سوا ٻہ ڪلو
(٧) جوئر اڍائي ڪلو
(٨) چانور پوڻا ٽي ڪلو

انڪُور ، سامان جي لسٽ وٺ اِن نموني دوڪاندار کي سامان تيار رکڻ لاءِ چئو.



ڪريانا سامان جي لسٽ ڏسو، چرچا ڪريو ۽ تختو پورو ڪريو (ماپون پاڻ سوچيو)

| شيءِ جو نالو | ماپا | گرامن ۾ بدلائڻ | وهنواري نالو |
|---|---|---|---|
| مصري | ٢٠٠ گرام +٥٠ گرام | ٢٥٠ گرام | پاءُ ڪلو |
| ڏونگي | ٢٠٠ گرام + ٢٠٠ گرام +١٠٠ گرام | | |
| پوها | ١ ڪ گ + ٢٠٠ گرام +٥٠ گرام | | |
| مُگن جي دال | | | |
| روا | | | |
| ڪنڊ | | | |
| جوئر | | | |
| چانور | | | |



ماسترن لاءِ : ١٠٠ گزام جا ١٠ پئڪيٽ ڪٽي وزن ڪرڻ سان ١٠٠٠ گرام مطلب ١ ڪ گ ٿيندو آهي اِهو عملي طور ٻارن کي ڪري ڏيکاريو. پُراڻي زماني ۾ ماپڻ جا ايڪا هئا ڇٽاڪ، اڌ پاءُ اِهي ايڪا گهٽڻ گرامن جا هئا اِهو ٻڌايو.

(٢) توهان جي ڪٽنب ۾ هڪ مهني لاءِ ڪيترو ڪرياڻو سامان لڳندو آهي. مائٽن کان پڇي لکو.

| شيءِ | وزن ڪلوگرام | شيءِ | وزن ڪلوگرام |
|---|---|---|---|
| (١) ڪڻڪ جي اَٽو | | (۴) کنڊ | |
| (٢) چانور | | (۵) لوڻ | |
| (٣) تُوهر دال | | (٦) ٻوهيمُگ | |

(٣) شيءِ جي وزن جو اندازو لڳايو. مناسب جاءِ تي ✓ نشان ڪريو. پوءِ اُن شيءِ جو تارازيءَ ۾ وزن ماپي لکو.

| نمبر | ميوا ۽ ڀاڄيون | وزن جو اندازو | | | شخصي طور ماپيل وزن |
|---|---|---|---|---|---|
| | | ١ ڪ گ کان وڌيڪ | ١ ڪ گ کان گهٽ | ١ ڪ گ | |
| ١ | ٧ وڱيون | | | | |
| ٢ | ۴ پٽاٽا | | | | |
| ٣ | ٨ ٽماٽا | | | | |
| ۴ | ١٠ بصر | | | | |
| ۵ | ٧ ليما | | | | |

## اَڀياس

(١) 'الف' گروپ ۽ 'ب' گروپ ۾ اندازي موجب وزن جا جوڙا ملايو.

**(الف)**

(١) ٻلي
(٢) هاٿي
(٣) ١ ليٽر پاڻيءَ سان ڀريل بوتل
(۴) خالي سلينڊر (گئس)
(۵) پين
(٦) وڻ جو پن
(٧) ڪُرسي

**(ب)**

(١) ١ گرام کان ۵ گرام
(٢) ١٠٠٠ گرام
(٣) ٣ ڪ گ کان ۵ ڪ گ
(۴) ١٠ گرام کان ١۵ گرام
(۵) ٦ ڪ گ کان ١٠ ڪ گ
(٦) ١٠٠٠ ڪ.گ کان وڌيڪ
(٧) ١۴ ڪلو گرام کان وڌيڪ



ماسترن لاءِ : هاٿيءَ جو وزن ڪيئن ڪبو آهي، اِن بابت ڪلاس ۾ چرچا ڪريو.

(٢) ڏنل وزن جي شيءِ ماپڻ لاءِ ڪهڙا وزن ماپا لڳندا اُهو لکي تختو پورو ڪريو.

| وزن | وزن ماپا | | |
|---|---|---|---|
| | ٢٠٠ گرام | ٥٠٠ گرام | ١ ڪلو گرام |
| ١ ڪ گ | | | |
| ٢ ڪ گ | | | |
| ٣ ڪ گ | | | |

(٣) مناسب جوڙا ملايو.

| الف گروپ (ڪلوگرام) | | ب گروپ (گ) |
|---|---|---|
| (ڪ) پاءُ ڪلو | ...... | (١) ١٧٥٠ گرام |
| (ک) سوا ڪلو | ...... | (٢) ١٥٠٠ گرام |
| (گ) ڏيڍ ڪلو | ...... | (٣) ٢٥٠٠ گرام |
| (گھ) اڍائي ڪلو | ...... | (۴) ١٢٥٠ گرام |
| (ڇ) پوڻا ٻہ ڪلو | ...... | (٥) ٢٥٠ گرام |

(۴) ڪلوگرامن کي گرامن ۾ بدلايو.

- ٩ ڪلوگرام=...................... گرام
- ٧ ڪ گ ٥٠٠ گرام = ........................ گرام
- ٦ ڪ گ ٢٥٠ گرام = ........................ گرام



## حسابي مزو.

١. ڪمل وٽ رموٽ تي هلندڙ هڪ ٻيڙي آهي. ٻيڙي رموٽ ذريعي اَڳيان پٺيان وڃي سگهي ٿي. تلاءَ جي ڪناري وٽ ڪيس ٢ ڪلو واڱڻ، ۴ ڪلوگرام پٽاٽا، ١ ڪلوگرام مرچ، ٣ ڪلوگرام بصر ۽ هڪ ڪلوگرام ٽماٽا پهچائڻا آهن. گهٽ ۾ گهٽ ڪيترن ڦيرن ۾ پهچائي سگهندو اُهو لهو؟

اُن لاءِ هيٺين ڳالهين جو ويچار ڪري مٿيون پاڇيون ڪيئن پهچائيندا؟

- شرطون - ڳالهيون : هڪ وقت وڏيڪ ۾ وڌيڪ چار ڪلوگرام وزن کڻي سگهو ٿا.
- گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڪلوگرام وزن ٻيڙيءَ ۾ رکڻ ڪانسواءِ ٻيڙ اَچ وڃ نٿي ڪري سگهي.



ماسترن لاءِ : شاگردن کي وزن ماپڻ لاءِ تارازي وغيره ميسر ڪري ڏيو. پاڻ عملي طور وزن ڪرڻ جو آزمودو ڏيو.

## ياد ڪريو.

گذريل درجي ۾ چارٽ جو بندوبست ڪرڻ لاءِ توهان ليڪا نشانن جو اِستعمال ڪيو هو. هن درجي ۾ اسان چٽرن جو اِستعمال ڪري چارٽ جو بندوبست پيش ڪنداسين.

- آدرش وديالیہ جي مکيہ دروازي ويجهو بورڊ تي اِسڪالرشپ حاصل ڪندڙ شاگردن جو عدد لکيل آهي.

| اِسڪالرشپ حاصل ڪندڙ شاگرد | |
|---|---|
| تعليمي سال | شاگردن جو عدد |
| ٢٠٢٠-٢١ | ٧ |
| ٢٠٢١-٢٢ | ١٣ |
| ٢٠٢٢-٢٣ | ٩ |
| ٢٠٢٥-٢٤ | ١٥ |

- بورڊ جاچي هيٺ ڏنل سوالن جا جواب لکو.

(١) ٢٠٢١-٢٢ اِن سال اِسڪالرشپ حاصل ڪندڙ شاگردن جو عدد ☐ آهي.

(٢) ڪهڙي سال اِسڪالرشپ حاصل ڪندڙ شاگردن جو عدد سڀني کان وڌيڪ آهي؟ ☐

(٣) ٢٠٢٢-٢٣ اِن سال شاگرد جو عدد ٢٠٢٠-٢١ اِن سال اِسڪالرشپ حاصل ڪندڙ شاگردن جي عدد کان ڪيترو وڌيڪ آهي؟ ☐

### چٽرن جو اِستعمال ڪري چارٽ جي پيش ڪش

## سمجهي وٺو.

- چارٽ جي پيش ڪش ڪرڻ لاءِ پهريائين جُدا جُدا چٽر ۽ چارٽ هڪ جڳهہ گڏ ڪريو.
- اُها چارٽ تختيءَ ۾ درج ڪرڻ لاءِ چٽرن جي چونڊ ڪريو.
- اِن لاءِ ٻہ ڪالم واپرايو.
- هڪ ڪالم ۾ چارٽ بابت نالا لکو ۽ ٻئي ڪالم ۾ اُها چارٽ ڏيکارڻ لاءِ اِستعمال ٿيندڙ چٽرن جو عدد موجب اِستعمال ڪريو.

## ⦿ پنهنجي اِسڪول جي ماحول ۾ وڻن جي ڄاڻ گڏ ڪري چتر تختو تيار ڪريو.

◆ چتر تختو تيار ڪرڻ لاءِ پهريائين ڄاڻ گڏ ڪرڻ ضروري آهي. توهان جي اِسڪول جي آس پاس نِم جا ١٢، ناريل جا ٨، ٻڙ جا ٢ ۽ اَشوڪا جا ١٤ وڻ آهن.

◆ شروعات ۾ ٽي ڪالم تختو تيار ڪريو. هڪ ڪالم ۾ وڻن جا نالا ۽ ٻئي ڪالم ۾ وڻن جا چتر ڏيکاريو. وڻن جي ڄاڻ لاءِ آسان چترن جو اِستعمال ڪنداسين.

◆ هرهڪ قسم جا وڻ ڏيکارڻ لاءِ آسان جُدا جُدا چتر اِستعمال ڪنداسين. چتر تختو تيار ڪريون ٿا.

| وڻن جو نالو | وڻن جا چتر | وڻن جو عدد |
|---|---|---|
| نِم |  | |
| ناريل |  | |
| ٻڙ |  | |
| اشوڪا |  | |



**ماسترن لاءِ :** ڄاڻ ڪٺي ڪرڻ جا جُدا جُدا طريقا شاگردن کي رهنمائي ڪري ٻڌايو. ڄاڻ پيش ڪرڻ لاءِ ڪهڙا چتر چونڊجن يا چترڪيدي ڄاڻ ڪيئن پيش ڪجي اِهو جُدا جُدا مثالن ذريعي صاف سمجهايو. اُن لاءِ روزمره زندگيءَ ۾ موجود مثال ڪٺو.

## چتر تختو تيار ڪرڻ لاءِ پئماني جو اِستعمال



### سمجهي وٺو.

هڪ ڪڙمي زيتون جا ١٠٠، نارنگين جا ٨٠، ڏاڙهون جا ٦٠، سيتاڦل جا ٤٠، قلم پنهنجي باغ ۾ لڳايا اِن ڄاڻ کي پيش ڪرڻ لاءِ چتر تختو تيار ڪريو.

**شاگرد :** متي ڏنل ڄاڻ لاءِ چتر تختو تيار ڪرڻ لاءِ تمام گهڻا چتر ڪڍڻا پوندا ۽ وقت به گهڻو لڳندو.

**ماستر :** جُدا جُدا وڻن جا هرهڪ قلم لاءِ چتر نه ڪڍي، سڀ قلم ڏيکارڻ لاءِ اسان چتر تختي ۾ ١٠ قلمن لاءِ  اِهو هڪ چتر ڏيکاريندا سين.

**شاگرد :** پر هڪ چتر ۾  مطلب چتر تختي ۾ ١٠ قلم

**ماستر :** ڇاڪاڻ ته ١٠٠، ٨٠، ٦٠ ۽ ٤٠ اِنهن سيني عددن کي ١٠ سان ونڊ ڪري سگهجي ٿي. اِنڪري ١٠٠ قلمن لاءِ، ١٠٠ چتر ڪڍڻ جي ضرورت نه آهي فقط ١٠ چتر لڳندا. اِئين ڪرڻ مطلب پئمانو اِستعمال ڪرڻ.

هاڻي  = ١٠ قلم اِهو پئمانو ڪٺي چتر تختو پورو ڪيل آهي.

| قلم | قلمن جو عدد |
|---|---|
| زيتون |  |
| نارنگي |  |
| ڏاڙهون |  |
| سيتاڦل |  |

## چتر ليکن مان نتيجو ڪڍڻ



### سمجهي وٺو.

چتر ليکن مان اسان کي ڪهڙي ڄاڻ حاصل ٿئي ٿي، اُهو ڏسون.

مثال : ميوا وڪڻندڙ جو هڪ ڏينهن وڪرو ڏيکاريندڙ تختو ....

( پئمانو : (  ) ١ چتر ) = ٥ ڪوڪا

| ميوي جو نالو | چتر روپ اَڏاوت | وڪيل ميون جي ڪوڪن جو عدد |
|---|---|---|
| انب |  | |
| چڪون |  | |
| ڊاک |  | |
| سيتاڦل |  | |

◉ مٿي ڏنل چتر تختي مان اَسان کي ميوا وڪڻندڙ مان ميون وڪڻڻ جي چاڙ هيٺئين نموني حاصل ٿئي ٿي.

(۱) ڪهڙا ڪهڙا ميوا وڪيا ويا؟ ------------------------------------------------

(۲) ڪهڙي ميوي جي ڪوڪن جو سڀني کان عدد وڌيڪ؟ ------------------------------

(۳) ڪهڙي ميوي جي ڪوڪن جو گهٽ ۾ گهٽ وڪرو؟ ------------------------------

(۴) ڪل گهٽا ڪوڪا وڪيا ويا؟ ----------------------------------

◉ چاڙ مان اَسان ڪهڙي ميون جو وڪرو وڌيڪ ٿيو، اِهو ٻڌائي سگهون ٿا.

◉ ميون جي وڪري جي ڀيٽ ڪرڻ اَچي ٿي.

◉ اِن چاڙ جي پيش ڪش ڪري چاڙ مان نتيجو ڪيڏي سگهجي ٿو.

## اَڀياس

(۱) هڪ اِسڪول ۾ درجي پهرين ۾ ۱۵ ٻار، درجي ٻئين ۾ ۲۰ ٻار، درجي ٽئين ۾ ۳۰ ٻار ۽ درجي چوٿين ۾ ۲۵ ٻار آهن اِن چاڙ مان چتر تختو تيار ڪريو. ( پئمانو : ⬤ = ۵ ٻار )

| درجو | چتر روپ اَڏاوت | ٻارن جو عدد |
|---|---|---|
| پهريون | | |
| ٻيون | | |
| ٽيون | | |
| چوٿون | | |



ماسترن لاءِ : ڏنل چاڙ ۾ جيڪڏهن عدد وڌيڪ هجي تہ اهڙي وقت اِن چاڙ کي توري ۾ پيش ڪرڻ لاءِ پئمانو مقرر ڪرڻ ۾ ڪهڙي قابليت هئڻ گهرجي؟ عدد جي چونڊ ڪيئن ڪجي؟ اِن بابت مناسب چرچا ڪريو.

(٢) سايليءَ پنهنجي سوسائٽيءَ ۾ ماڻهن، آفيس وڃڻ لاءِ ڪهڙي واهڻ جو اِستعمال ڪن ٿا اِها چاڻ ڏيڪارڻ لاءِ چتر تختو تيار ڪيو آهي. اِهو جاچيوءَ هيٺ ڏنل سوالن جا جواب لکو. (پئمانو : △ = ٥ ماڻهو)

| واهڻ جو قسم | چتر روپ اَڏاوت | ڪُل ماڻهن جو عدد |
|---|---|---|
| سائيڪل | △ △ △ △ △ | |
| ٻه ڦيٿي | △ △ △ △ △ △ | |
| چار ڦيٿي | △ △ △ | |
| رڪشا | △ △ △ △ | |
| بس | △ △ △ △ △ | |

- آفيس وڃڻ لاءِ گهڻا ماڻهو رڪشا جو اِستعمال ڪن ٿا؟ ......................
- آفيس وڃڻ لاءِ گهڻا ماڻهو چار ڦيٿي جو اِستعمال ڪن ٿا؟ ......................
- آفيس وڃڻ لاءِ سڀني کان وڌيڪ ڪهڙو واهڻ اِستعمال ٿئي ٿو؟ ......................
- آفيس وڃڻ لاءِ سڀني کان گهٽ ڪهڙو واهڻ اِستعمال ٿئي ٿو؟......................

(٣) مانسي پنهنجي ڪلاس ۾ شاگردن وٽ ڪهڙا ڪهڙا پالتو جانور آهن، اُها چاڻ گڏ ڪئي. ٢٠ ڄڻن وٽ ڪتا، ٢٤ ڄڻن وٽ ٻليون، ٣٢ ڄڻن وٽ ميٺون، ٨ ڄڻن وٽ گهوڙا اِهي پالتو جانور آهن اُن موجب چتر تختو تيار ڪريو (١ چتر = ٤ پالتو جانور، اهڙو پئمانو ڪٺو.

(٤) ڪلا مهو اُتسوَ پاران رکيل ڳائڻ چٽاپيٽي ۾ ٢٠، وڄائڻ چٽاپيٽيءَ ۾ ٣٠، اَداڪاري چٽاپيٽي ۾ ٥٠ ۽ نرتيه چٽاپيٽيءَ ۾ ٤٠ ڄڻن ڀاڱ ورتو. مناسب پئمانو اِستعمال ڪري اِن لاءِ چتر تختو تيار ڪريو. ٢، ٥، ١٠ پئمانو ڪٺي ڪهڙو چتر تختو تيار ڪرڻ ۾ توهان ڪي سولو لڳو؟

(٥) ٻال آنند ميلا ۾ ٻارن پاران تيار ڪيل اِسٽالن ۾ هيٺئين نموني وڪرو ٿيو. پوها ١٨ پليٽون، سيرو ٢١ پليٽون، بيل ٣٣ پليٽون اِن چاڻ مان مناسب پئمانو واپرائي چتر تختو تيار ڪريو. جُدا جُدا پئمانو ڪٺي چتر تختو تيار ڪريو.



ماسترن لاءِ : چتر تختي مان چاڻ سمجهڻ، اِهو مثال ڏيئي سمجهايوءَ اَهڙا مثال ڪٺي اَڀياس ڪرڻ جو موقعو ڏيو. چاڻ ڪٺي ڪرڻ، اُن جي ورهاست ڪرڻ ۽ چتر تختو تيار ڪرڻ جون مشغوليون ڪرايو. جُدا جُدا وشين تي چاڻ گڏ ڪرڻ لاءِ چئوءِ جُدا جُدا نموني چتر تختا تيار ڪرايو. اُن لاءِ پئماني جو اِستعمال اِن جو اڀياس ڪرايو.

# ٧ نظري نقشو



سمجهي وٺو.





جهاز جي پاسي وارو نظارو ڏاڍو وڻندڙ آهي.

مون کي جهاز جي سامهون وارو نظارو وڻيو.

مون کي مٿان کان جهاز جو نظارو وڻيو.

گذريل درجي ۾ اَسان شين جي پاسي وارو نظارو، سامهون نظارو ۽ مٿيان وارو نظارو سکياسين.

**(١) هيٺ نظارن جا قسم لکو.**

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
|  |  |  |  |  |  |
| ------------- | ------------- | ------------- | ------------- | ------------- | ------------- |

**(٢) شيءِ ۽ اُنهن جا جُدا جُدا نظارا. اِنهن جا جوڙا ملايو.**

| | | |
|---|---|---|
|  | پاسي جو نظارو |  |
|  | سامهون نظارو |  |
|  | مٿيان وارو نظارو |  |



ماسترن لاءِ : شاگردن کي آسپاس موجود شين جو ماڊل ڏيکاري اُن جو سامهون-نظارو، پاسي جو نظارو ۽ مٿي جو نظارو جاچڻ لاءِ ڏيو. اَهڙي نموني جُدا جُدا شين جو عملي طور ماڊل جو ذڪر ڪرايو.

## مشغولي پوري ڪريو.

◉ هيٺ ڏنل خالي جاين تي هدايت موجب توهان جو ڏنل ڪبٽ ڪيئن نظر اَچي ٿو. اُهو چٽر ڪڍيو.

| سامهون وارو نظارو. (Front View) | پاسي وارو نظارو. (Side View) | مٿيون نظارو. (Top View) |
|---|---|---|
| | | |

## مشغولي پوري ڪريو.

◉ ٻارن ڪجھ شين جا جُدا جُدا فوٽو ڪڍيا آهن اُنهن جي نظاري موجب شين جا درست جوڙا ملايو.








## مشغولي پوري ڪريو.

◉ جئه ۽ جان ڪاٺ جا بلاڪ جوڙي ڪيڏندي ڪيڏندي جُدا جُدا شڪلين جا سامهون وارو نظارو، مٿيون نظارو، پاسي وارو نظارو اِنهن ۾ عمارت هينئين نموني ٺاهي آهي.




توهان پڻ اِسڪول توڙي گهر ۾ يا آس پاس خالي ڪوڪا جمع ڪري، جُدا جُدا شڪلين جون عمارتون تيار ڪريو. عمارت جي سامهون وارو نظارو، پاسي وارو نظارو، مٿيون نظارو پنهنجي دوست - ساهڙين کي ڏيکاريو.

◉ شطرنج بورڊ جو چٽر ڪڍي اُن مٿان سيني موهرن جي جڳهه مقرر ڪريو.

◉ جان طرفان ڪيتر - ڏؤري وقت ڳوٺ جي اِسپتال جو ڪڍيل نظري نقشو.







جان جو ڪڍيل نقشو

◉ جان ڳوٺ جي اِسپتال جو نظري نقشو ڪڍيو آهي. نظري نقشو جاچي هيٺ سوالن جا جواب ڏيو.

- ڪن - نڪ گلي وياڳ جو اِستان ٻڌايو      سڌو وڃي ڪابي پاسي ٻئي
- اَکيون وياڳ کان اَڳ ڪهڙو وياڳ آهي؟ --------------------------
- ڏند وياڳ جي جڳهه لکو. ----------------------------------------------



## مشغولي پوري ڪريو.

◉ پنهنجي اِسڪول جي جُدا جُدا وياڳ ڏيکارڻ جو نقشو ڪڍو.



ماسترن لاءِ : شاگردن کي ڪلاس ۾، ميدان تي جاري (Grid) راند کيڏڻ جو موقعو ڏيو. پٽي، ڪاپي، لادي، زمين تي جاري ڪيڏڻ، جاريءَ ۾ جُدا جُدا جڳهين تي علحديون شيون، اُنهن جا چٽر ڪيڏڻ، شيون رکڻ اِن جهڙو اَڀياس ڪرائڻ جو آزمودو شاگردن کي ڏيو.

## اَڀياس

**(١) توهان جي گهر کان اِسڪول تائين پهچڻ تائين ڪهڙيون جڳهيون ايندڙيون آهن، اُن جي لسٽ ٺاهيو ۽ اُن جو نقشو پنهنجي ڪاپيءَ ۾ ڪڍو.**

**(٢) نقشي جي پاسي ڏيکاريل اِستان ڏيکاريو يا نالا لکو.**




**(٣) هدايت موجب نقشو تيار ڪريو.**




- اَهڙو نظري نقشو توهان ڏٺو آهي ڇا؟
- پنهنجي ڪاپيءَ تي پنهنجي ڳوٺ کان ويجهي ڳوٺ تائين نقشو ڪڍو.



ماسترن لاءِ : شاگردن نقشي ۾ جيڪي ڏيکاريل اِستان آهن. اُهي اُن جڳهه تي ڇو هجن؟ اِن بابت ڪلاس ۾ ڳالهه ٻولهه ڪرايو.

(۴) پرواري شڪلين ۾ رنگن جي پيٽ ڪري گولن ۾ رنگ ڀريو.







(۵) ا کان ٧ رنگ ڏنل آهن. اُن موجب هيٺ گولن ۾ اُنهن جو نمبر لکو. ٻئي گول ۾ پنهنجي پسند موجب رنگن جو نمبر جوڙيو.

| ا | ٢ | ٣ | ۴ | ۵ | ٦ | ٧ |
|---|---|---|---|---|---|---|
| واڱڻي | ڳاڙهو | نارنگي | سائو | اَڇو | نيرو | پيلو |

مثال (۴،٧،ا،۵،٢،٦،٣)




(٦،٢،۵،ا،۴،٧،٣،٦) اِن سلسلي سان رنگ ڀريو.






ماسترن لاءِ : شاگردن جا ڏيکاريل اِستان، اُهي ئي اِستان آهن؟ اِن بابت ڪلاس ۾ چرچا ڪرايو.

## ياد ڪريو.

**(۱) ضرب ڪريو.**

◉ ۸ × ۷    ◉ ۲۳ × ۹    ◉ ۴۵ × ۱۷    ◉ ۱۳۵ × ٦

**(۲) حل ڪريو.**

◉ هڪ ڪلوگرام ڪنڊ جي قيمت ۴۵ ر تہ ۹ ڪلوگرام ڪنڊ جي قيمت ڪيتري؟

◉ سياڳرهہ ۾ هرهڪ قطار ۾ ۲۵ ڪُرسيون تہ اَهڙيون نموني ۱۸ قطارن ۾ ڪُل ڪيتريون ڪُرسيون؟

◉ هرهڪ ٽيمپو ۾ انبن جا ۱۰۵ ڪوڪا رکيا تہ ٦ ٽيمپو ۾ ڪُل ڪيترا ڪوڪا؟

## حسابي مزو.

- ڪهڙا بہ ۳ لاڳيتا عدد ڪڍو مثال ۷، ۸، ۹.
- وچ واري عدد کي اُن ئي عدد سان ضرب ڪريو. ۸ × ۸ = ٦۴
- پهريون عدد ۽ ٽيون عدد اِنهن جي ضرب ڪريو. ۷ × ۹ = ٦۳
- ٻنهي ضربن جي ڪٽ ڪريو. ٦۴ − ٦۳ = ۱
- اَهڙي نموني ڪهڙا بہ ۳ لاڳيتا عدد ڪڍيا تہ ڪٽ جو جواب هميشهہ ۱ ايندو اِهو ڪري ڏسو.

## حسابي مزو.

| | | |
|---|---|---|
| ۱ | ۱۲ | ۱۸ |
| ۱۸ | ٦ | ۲ |
| ۱۲ | ۳ | ٦ |

- هرهڪ آڏي قطار ۾ عددن جي ضرب ساڳي اَچي ٿي ڇا؟



سمجهي وٺو.

## ◉ چوڪنڊو طريقو ٤٦ × ٣٢

◆ چوڪنڊو طريقو

٤٦ = ٤٠ + ٦

٣٢ = ٣٠ + ٢

| × | ٤٠ | ٦ |
|---|---|---|
| ٣٠ | ٣٠ × ٤٠ = ١٢٠٠ | ٣٠ × ٦ = ١٨٠ |
| ٢ | ٤٠ × ٢ = ٨٠ | ١٢ ٢ ٦ |

| |
|---|
| ١٢٠٠ |
| + ١٨٠ |
| + ٨٠ |
| + ١٢ |
| ١٤٧٢ |

◆ اُڀي اَڏاوت

| ھ | س | ڏ | اي |
|---|---|---|---|
| ١ | ١ | | |
| | | ١ | |
| | × | ٤<br>٣ | |
| | | ٩ | (١) ٢ |
| + | (١) ٣ | (١) ٨ | ٠ |
| ١ | ٤ | ٧ | ٢ |

ڏهاڪن کي ضرب کري ٽپائڻ ايڪن کي ضرب کري ٽپائڻ.

ايڪن کي ضرب

ڏهاڪن کي ضرب

| |
|---|
| ٤٦ |
| × ٣٢ |
| ٩٢ |
| + ١٣٨٠ |
| ١٤٧٢ |

## ضرب ڪريو: ٣٩ × ٤٣

◆ چوڪنڊي ۾ مناسب عدد لکي ضرب پوري ڪريو.

| × | ٣٠ | ٩ |
|---|---|---|
| ٤٠ | | |
| ٣ | | |

| |
|---|
| ☐ |
| + ☐ |
| + ☐ |
| + ☐ |
| |

| ھ | س | ڏ | اي |
|---|---|---|---|
| | ٣ | | |
| | ١ | ٢ | |
| | × | ٣<br>٤ | ٩<br>٣ |
| | ١ | ١ | ٧<br>٠ |
| + | | | |
| | | | |

## اَڀياس

(١) ضرب ڪريو.

◉ ٤٨ × ١٤ ◉ ٥٧ × ٣٦ ◉ ٢٩ × ٦٩ ◉ ٥٢ × ٨٩ ◉ ٦٦ × ٦٦

(٢) حل ڪريو.

◉ هڪ ڪاپيءَ جي قيمت ٧٥ روپيا تہ اهڙين ٢٤ ڪاپين جي قيمت ڪيتري ٿيندي؟
◉ هڪ ڳوڻ ۾ ٦٤ ناريل پرجن ٿا ۽ اهڙين ٣٣ ڳوڻين ۾ گهڻا ناريل ماپندا.
◉ ڪنڊ جي هڪ ڳوڻ جو وزن ٥٣ ڪ گ آهي تہ اَهڙين ٤٦ ڳوڻين جو وزن ڪيترو؟
◉ جانهوي هڪ ڏينهن هڪ ڪتاب جا ١٥ صفحا پڙهي ٿي تہ ٣٤ ڏينهن ۾ هوءَ گهڻا صفحا پڙهندي؟
◉ ٢٥×١٨ يا ١٨×٢٥ اِنهن مان ڪهڙو مثال حل ڪرڻ ۾ سولو آهي؟

ٽن انگن واري عدد کي ٻن انگن واري عدد سان ضرب ڪريو.



### سمجهي وٺو.

◉ ماما پنهنجي نئين ناستا دوڪان لاءِ ٢٥ ڪرسيون خريد ڪيون هرهڪ ڪُرسيءَ جي قيمت ٣٧٥ رپيا آهي تہ ڪرسيون خريد ڪرڻ لاءِ ماما ڪل ڪيترا روپيا خرچ ڪيا؟

طريقو :

هتي ١ ڪُرسيءَ جي قيمت ڏنل آهي اُن مان ڪيترين ئي ڪُرسين جي قيمت لهڻي آهي. مطلب ٣٧٥ سان ٢٥ اِها ضرب ڪرڻي پوندي. ٽن انگن واري عدد کي ٻن انگن واري عدد سان ڪيئن ضرب ڪبي، اُهو ڏسون.

١٢×٣٧٥

| | هه | س | ڏ | اي |
|---|---|---|---|---|
| ڏهاڪن کي ضرب ڪري تپائڻ | | ١ | ١ | |
| ايڪن کي ضرب ڪري تپائڻ | | ٣ | ٢ | |
| | | ٣ | ٧ | ٥ |
| | | | ٢ | ٥ |
| ٥ ايڪن کي ٣٧٥ سان ضرب | ١ | ٨ | ٧ | ٥ |
| ٢ ايڪن کي ٣٧٥ سان ضرب | + ٥ | ٧ | ٠ | ٠ |
| | ٩ | ٣ | ٧ | ٥ |

ماما ڪُرسين جي خريديءَ تي ڪل ٣٩٧٥ روپيا خرچ ڪيا.

◉ هڪ خميص جي قيمت ١٩٩ ر آهي ته اهڙين ٣٢ خميصن جي ڪل قيمت ڪيتري؟

| هه | س | ڏ | اي | |
|---|---|---|---|---|
| ٢ | ٢ | | | ڏهاڪن کي ضرب ڪري مٿي ٽپائڻ |
| | ١ | ١ | | ايڪن کي ضرب ڪري مٿي ٽپائڻ |
| | ١ | ٩ | ٩ | |
| | | ٣ | ٢ | |
| | ٣ | ٩ | ٨ | ايڪن کي ضرب |
| +٥ | ٩ | ٧ | ٠ | ڏهاڪن کي ضرب |
| ٦ | ٣ | ٦ | ٨ | |

٣٢ خميصن جي ڪل قيمت ٦٣٦٨ ر.

◉ انگها پنهنجي جنم ڏينهن تي ڳوٺ جي اِسپتال ۾ مريضن ۾ ميوا ورهايا. هن ١٨٥ روپئي ڪلو اگهه سان ١٥ ڪ.گ. صوف خريد ڪيا. ٻڌايو ته هن ڪُل گهڻو خرچ ڪيو؟ ١٥×١٨٥ اِها ضرب ڪري جواب لهندا سين.

| هه | س | ڏ | اي | |
|---|---|---|---|---|
| | | | | ڏهاڪن کي ضرب ڪري مٿي ٽپائڻ |
| | | | | ايڪن کي ضرب ڪري مٿي ٽپائڻ |
| | ١ | ٨ | ٥ | |
| | × | ١ | ٥ | |
| | | | | ايڪن کي ضرب |
| + | | | | ڏهاڪن کي ضرب |
| | | | | |

صوف خريد ڪرڻ تي ڪُل خرچ........... ر ٿيندو.

◉ هڪ انگريزي ڊڪشنريءَ جي قيمت ١٧٥ روپيا آهي ته ٤٧ ٻارن اِها خريد ڪرڻ لاءِ ڪلاس ماستر کي پئسا ڏنا ته ڪلاس ماستر وٽ ڪل ڪيتري رقم جمع ٿيندي؟

| هه | س | ڏ | اي | |
|---|---|---|---|---|
| | | | | ڏهاڪن کي ضرب ڪري مٿي ٽپائڻ |
| | | | | ايڪن کي ضرب ڪري مٿي ٽپائڻ |
| | ١ | ٧ | ٥ | |
| | × | ٤ | ٧ | |
| | | | | ايڪن کي ضرب |
| + | | | | ڏهاڪن کي ضرب |
| | | | | |

ڪُل رقم ............ رپيا جمع ٿي.

# اَڀياس

**(۱) ضرب ڪريو.**

- ۲۳ × ٦۳۲
- ۱۲ × ۳۷۵
- ۳۰ × ۲۵۰
- ۴۳ × ۱۴۳
- ۱۴ × ۵۰۱
- ۵۱ × ۱۰۴

**(۲) حل ڪريو.**

- هڪ فراس جي قيمت ۳۲۵ ر آهي تہ اَهڙن ۲۱ فراسن جي قيمت ڪيتري؟
- هڪ ڪارخاني ۾ هڪ ڏينهن ۾ ۲۴۳ شيون تيار ٿين ٿيون تہ ۱۲ ڏينهن ۾ اَهڙيون گهڻيون شيون تيار ٿينديون؟
- جانورن جي باغ ۾ هڪ ماڻهوءَ جي داخلا ٽڪيٽ ۱۲۰ر آهي تہ ۳۴ ماڻهن جو جانورن جي باغ وڃڻ لاءِ ڪُل ڪيترو خرچ ايندو؟
- هڪ شاگرد جو يونيفارم ڪپڙن سميت سُبڻ جو خرچ ۳۱۵ ر آهي تہ ۴۷ شاگردن جي يونيفارن سُبائڻ لاءِ ڪُل ڪيترو خرچ ايندو؟
- ٻن عددن جا جوڙا لکو جن جي ضرب اُپت ۳٦۰ اَچي.

**(۳) ڏنل ڄاڻ موجب ضرب جا لفظي مثال تيار ڪريو ۽ حل ڪريو.**

- ۳۴۲ شاگرد، هڪ ڪاپي ۳٦ ر
- هڪ تنبودا لاءِ ۲۵٦ ميٽر ڪپڙو، ۲۹ تنبو.
- ۲۵ ڪوڪا، هڪ ڪوڪو ۳۷۵ ر
- هڪ ٽريگارڊ جي قيمت ۳۲۷ر، ۴٦ ٽريگارڊ .
- ۴۲۸ مزور، روزانو ياترا ڀَتو ۸۲ روپيا.

**(۴) هينيان بيان پڙهي ۽ ويچار ڪري مناسب خاني ۾ ✓ اهو نشان ڪريو.**

| نمبر | بيان | بلڪل صحيح | ڪڏهن ڪڏهن صحيح | بلڪل غلط |
|---|---|---|---|---|
| ۱ | ڪنهن عدد کي ۱۰ سان ضرب ڪرڻ ۾ ملندڙ عدد جي ايڪن واري جڳهہ تي ٻڙي ايندي آهي. | | | |
| ۲ | ڪنهن عدد کي ۲ سان ضرب ڪبي تہ جواب اڪي عدد ملندو آهي. | | | |
| ۳ | ۵ سان ضرب ڪرڻ سان جواب جي ايڪن واري جاءِ تي ۵ ايندا آهن. | | | |
| ۴ | عدد سلسلي ۾ ڳڻڻ وقت اڪي عدد کان پوءِ يڪدم ٻڌي عدد ايندو آهي. | | | |
| ۵ | ڪنهن بہ عدد جو ڊا ڪرڻ تي ملندڙ عدد ٻڌي هوندو آهي. | | | |
| ٦ | ڪنهن بہ عدد ۾ ٻڙي جوڙڻ سان اُن عدد ۾ ا جي واڌ ايندي آهي. | | | |
| ۷ | جيڪڏهن بہ عدد ٻيڻا ڪجن تہ اُنهن جي ضرب اوتري هوندي. | | | |



## مشغولي پوري ڪريو.

• اِسڪول جي ٻال آنند ميلا ڪاريہ ڪرم ۾ اونڪار کي ٻيل وڪڻڻ سان ٢٨٥٥ روپيا مليا. اُنھن ۾ ١ روپيو، ٢ روپيا ۽ ٥ روپين جا سڪا ۽ ١٠، ٢٠، ٥٠، ١٠٠، ٢٠٠، ٥٠٠ روپين جا نوٽ آھن. اِھا سموري رقم اِسڪول بچت بئنڪ ۾ رکڻ لاءِ جمع-رسيد ڀرڻي آھي. ھن کي مدد ڪريو. ھن وٽ ڪھڙي قسم جا سڪا / نوٽ آھن، اِھو اندازو لڳايو ۽ رسيد ڀريو.

**بئنڪ شاخا**

بچت جمع رسيد تاريخ ☐☐☐☐☐☐☐☐

نالو اونڪار

کاتو نمبر : ☐☐☐☐☐☐☐☐

رقم (انگن ۾): ________

رقم اکرن ۾ : ________

________

| سڪا / نوٽ | سڪا / نوٽ عدد | ڪل رقم روپيا |
|---|---|---|
| ٥٠٠ | | |
| ٢٠٠ | | |
| ١٠٠ | | |
| ٥٠ | | |
| ٢٠ | | |
| ١٠ | | |
| ٥ | | |
| ٢ | | |
| ١ | | |
| ڪُل | | |

جمع ڪندڙ جي صحي ☐



## ويچار ڪريو.

سياڳرھ ۾ ١٨ قطارون ڪرسين جون آھن. ھرھڪ قطار ۾ ١٥ ڪُرسيون آھن تہ سياڳرھ ۾ ڪل ڪيتريون ڪرسيون؟

اِھي سڀ ڪُرسيون جُدا جُدا نموني آڏيون ۽ اُڀيون رکڻ جي اَڏاوت ڪيئن ڪندا؟



ماسترن لاءِ : بلڪل صحيح ڪڏھن ڪڏھن صحيح، بلڪل غلط اَھڙن قسمن جا حسابي بيان، اُنھن جي حقيقت مثالن سان شاگردن کي سمجھايو ۽ چرچا ڪريو. شاگردن کان جُدا جُدا تنقيدي سوال پُڇي اُنھن جي ڪلپنا شڪتي وڌائڻ لاءِ ھمٿايو. حسابن جا تنتو چڱيءَ طرح سمجھڻ ۽ رَٽڻ کي ٽارڻ لاءِ دليلي شڪتي وڌائڻ ۾ خوب اَڀياس ڪرايو.

◉ ڀارتيہ گيان سرشتو.

ڳڻيش دَئوَڳيہ جي ڪِتِ انجيس طريقي ضرب ڪرڻ آسان چوڪنڊو طريقي وانگر ضرب اُن ئي نموني ڪندا آهيون. اِن ۾ ڪِتِ جا ٻہ دروازا کوليا وڃن ٿا اُن نموني ضرب اُپٽ لکبي آهي.

مثال ٧ × ٤ = ٢/٨

اِن طريقي ٣٥٧ × ٤٢ اِهو مثال حل ڪريون.




ٽن ڪالمن ۽ ٻن قطارن جو چوڪنڊو ڪڍو. ٣، ٥، ٧ اِهي انگ ڪالمن مٿان رکو ۽ ٤، ٢ اِهي انگ ساڄي پاسي لکو. هرهڪ خاني جا ٻہ حصا ڪريو.




پهريان ٤ ۽ ٧ اِنهن جي ضرب اُپٽ اُنهن جي اڳيان خانن مٿي ٢ ۽ هيٺ ٨ رکو. ٻين خانن ۾ اهڙي ريت ضرب ڪري جواب لکو.




هاڻي تيڙي ليڪن اندر ڏڌ تيل سڀ انگ جوڙ ڪري پاسي ۾ لکندا وڃو.

٣٥٧ × ٤٢ = ١٤٩٩٤

اهڙي طريقي ٻيون ٻہ ضربون ڪريو.

**ڌيان ڏيو :**

(١) جيڪڏهن هڪ اُريب ۾ انگن جو جوڙ ١٠ يا اُن کان وڌيڪ هجي تہ اڳتي اُريب ۾ اُهو انگ ٿپائي جوڙ ڪريو.

(٢) اِن طريقي جواب ايندو ڇا؟ پاڻ سمجهو ۽ ٻين کي سمجهڻ لاءِ چئو.



ماسترن لاءِ : شاگردن کي ڀارت جي وڏن علم رياضي دانن جي ڄاڻ ڏيو.

# ونڊ

## ضرب ونڊ جو پاڻ ۾ لاڳاپو

### سمجهي وٺو.



















### حل ڪريو.

۳۵ = ۷ × ۵

۵ = ۳۵ ÷ ☐    ۷ = ۳۵ ÷ ☐

۷۲ = ۸ × ۹

۹ = ۷۲ ÷ ☐    ۸ = ۷۲ ÷ ☐

### ڌيان ڏيو.

هڪ ضرب جي هڪ مثال مان ٻه ونڊ جا ٻه مثال تيار ٿيندا آهن.

⊙ ايشا وٽ ۴۲ بوتلون آهن هن هرهڪ ڪولي ۾ ۸ بوتلون ڀريون. ۵ ڪوڪا ڀري ۲ بوتلون بچيون.

ايشا : ديدي، ونڊ تہ ڪئي ۵ = ۸ ÷ ۴۲ پر ۲ بوتلون بچيون.

نشا : بلڪل برابر ونڊ عددن ۾ اُيي اَڏاوت ۾ هينئين نموني ڪنداسين.

```
     ۰۵
۸ ) ۴۲
   −۰ ↓
    ۴۲
   −۴۲
    ۰۲
```

| |
|---|
| ونڊٽي= ۴۲ |
| ونڊيندڙ= ۸ |
| ونڊ اُپت = ۵ |
| پاچي = ۲ |

۲ بوتلون



ياد ڪريو.

⊙ هڪ ڪمپنيءَ آٽو رڪشا تيار ڪرڻ لاءِ ۷۸ ڦيٿا گهرايا. هرهڪ آٽو رڪشا ۾ ۳ ڦيٿا لڳندا آهن تہ گهڻن آٽو رڪشائن ۾ اِهي ڦيٿا لڳندا؟

ڦيٿن جو عدد ۷۸ هرهڪ رڪشا لاءِ ۳ ڦيٿا کپندا آهن هتي ونڊ ڪرڻي آهي.

```
۳ ) ۷۸ (۱۰+۱۰+۶=۲۶
   − ۳۰
     ۴۸
   − ۳۰
     ۱۸
   − ۱۸
     ۰۰
```

```
     ۲۶
۳ ) ۷۸
   −۶ ↓
    ۱۸
   −۱۸
    ۰۰
```

## اَيياس

(۱) ونڊ ڪريو، ونڊوٽي، ونڊيندڙ، ونڊ اُپت ۽ پاچي لکو.

⊙ ۶)۷۴ ⊙ ۵)۹۶ ⊙ ۷)۷۱ ⊙ ۸)۹۷ ⊙ ۶)۵۱

(۲) حل ڪريو

⊙ ٻال-دوس موقعي تي ۹۶ ڪتاب، هرهڪ شاگرد کي ۴ ڪتاب ورهايا ويا تہ ڪل گهڻن شاگردن کي ڪتاب مليا؟

⊙ اشوڪ هن سال پنهنجي باغ ۾ ڪيترائي گُلن جا ٻوٽا لڳايا. هرهڪ قطار ۾ ۷ اهڙي نموني ڪل ۵۶ گُلن جا ٻوٽا لڳايا. تہ اشوڪ ڪل گهڻين قطارن ۾ گُلن جا ٻوٽا لڳايا؟



ڌيان ڏيو.

ونڊ ڪرڻ وقت ونڊيندڙ جو وڏ ۾ وڏ عدد، ونڊٽي عدد مان ڪٽ ڪرڻ وقت، هرهڪ دفعي پاچي ونڊيندڙ کان گهٽ هوندي آهي.

◉ شويا پنهنجي کيت ۾ ۱۴۴ ميٿيءَ جون جُڙيون ٻڌيون. هن اِهي جُڙيون وڪڻ لاءِ هرهڪ ٽوڪريءَ ۾ ۸ جُڙيون رکيون ته سيني جُڙين لاءِ ڪُل گهڻيون ٽوڪريون لڳنديون؟

هتي ۸ ÷ ۱۴۴ اِها ونڊ ڪبي.

هرش ونڊ ڪرڻ شروع ڪئي.

پهرياڻين ۸-۸ جُڙيون، ۱۰ ٽوڪرين ۾ رکيون.

۸) ۱۴۴ (۱۰
− ۸۰
۶۴



پوءِ ۸-۸ جُڙيون ڪري ۵ ٽوڪرين ۾رکيون.

۸) ۱۴۴ (۱۰ + ۵
− ۸۰
۶۴
− ۴۰
۲۴



بچيل جُڙيون ۸-۸-۸ ڪري ۳ ٽوڪرين ۾رکيون.

۸) ۱۴۴ (۱۰+۵+۳=۱۸
− ۸۰
۶۴
− ۴۰
۲۴
− ۲۴
۰۰



ٽوڪرين جو عدد ۱۰+۵+۳=۱۸

| | |
|---|---|
| ونڊٽي = ۱۴۴ | ونڊيدڙ = ۸ |
| ونڊ اُپت = ۱۸ | پاڇي = ۰ |

• ميٿيءَ جون ۱۴۴ جوڙيون ۱۸ ٽوڪرين ۾ رکو.

◉ سنجينا وٽ ۱۰۰ روپين جا ۷ نوٽ، ۱۰ رپين جا ۴ نوٽ ۽ ۱ رپئي جا ۹ سڪا ڪل ۷۴۹ روپيا آهن ڪيس اِن رقم کي ۷ ڄڻن ۾ برابر ورهائڻي آهي ۽ هرهڪ کي گهڻا روپيا ملندا؟

• پهرياڻين ۱۰۰ روپين جا ۷ نوٽ هرهڪ کي ۱ نوٽ ملندو.
مطلب ۱۰۰ ر جا ملندا.

• هاڻي ۱۰ روپين جا ۴ نوٽ، ۷ ڄڻن ۾ ورهائي نه سگهبا مطلب ۱۰ روپين جو نوٽ ڪنهن کي به نه ملندو.

• اِن ڪري ڏهاڪن واري جاءِ تي ٻُڙي لکندا سين.
۱۰ روپين جا ۴ نوٽ مطلب ۴ ڏهاڪا مطلب ۴۰ ايڪا.

• ۹+۴۰ = ۴۹ ايڪا روپيا ٿيا.

• ۴۹ روپيا ۷ ڄڻن ۾ برابر ورهائڻ سان هرهڪ کي ۷ روپيا ملندا.

۱۰۷
۷) ۷۴۹
− ۷↓
۰۴
− ۰
۴۹
− ۴۹
۰۰

۷۴۹ = ۷ ÷ ۱۰۷

هرهڪ کي ۱۰۷ روپيا ملندا.

## اَڀياس

**(١) ونڊ ڪريو.**

- ٦٧٢ ÷ ٦
- ٨٤٠ ÷ ٨
- ٨٦١ ÷ ٧
- ٤٨٦ ÷ ٩
- ٨١٦ ÷ ٤
- ٩٤٥ ÷ ١٥
- ٢٤٥ ÷ ٧
- ٧٤٢ ÷ ٨

**(٢) حل ڪريو.**

- راندين جي چٽاڀيٽيءَ ۾ جهنڊا- سنڀالڻ لاءِ ١٦١ شاگرد ٧ برابر قطارن ۾ بيهاريا ويا ته هرهڪ قطار ۾ گهڻا شاگرد هئا؟
- ميرا ٢٠٧ بٽڻ هرهڪ خميص ۾ ٧ جي حساب سان لڳايا ته ڪيترن خميصن ۾ بٽڻ لڳا؟
- هڪ ٿيلهي ۾ ٨ ڪلوگرام چانور پرجيا ته ٤٩٦ ڪلوگرام چانور پرڻ لاءِ گهڻا ٿيلها لڳندا؟
- ٦٥٤ روپيا ٦ ڄڻن ۾ برابر ورهائڻ سان هرهڪ کي گهڻا روپيا ملندا؟

### ونڊ اُپٽ جاچڻ



**سمجهي وٺو.**

```
      ٠٣٦
٧ ) ٢٥٥
   - ٠
     ٢٥
   - ٢١
     ٠٤٥
   - ٤٢
      ٠٣
```

| |
|---|
| ونڊڻي = ٢٥٥ |
| ونڊ اُپٽ = ٣٦ |
| ونڊيدڙ = ٧ |
| پاڇي = ٣ |

ونڊ اُپٽ ٠٣٦

ونڊيدڙ ٧ ×

٢٥٢

پاڇي ٣ +

ونڊڻي ٢٥٥

ونڊڻي = ونڊيندڙ × ونڊ اُپٽ + پاڇي

- ٧٣٨ روپيا ٩ ڄڻن ۾ برابر ورهائبا ته هرهڪ کي ڪيترا روپيا ملندا؟

```
        ٠
٩ ) ٧٣٨
   - ٠
     ٧
```

```
       ٠٨
٩ ) ٧٣٨
   - ٠
     ٧٣
   - ٧٢
     ٠١
```

```
      ٠٨٢
٩ ) ٧٣٨
   - ٠
     ٧٣
   - ٧٢
     ٠١٨
    -١٨
     ٠٠
```

| |
|---|
| ونڊڻي = ٧٣٧ |
| ونڊ اُپٽ = ٩ |
| ونڊيندڙ = ٨٢ |
| پاڇي = ٠ |

ونڊيندڙ × ونڊ اُپٽ + پاڇي = ونڊڻي

٩ × ٨٢ + ٠ = ٧٣٨

⊙ ونڊ ڪريو : ۵ ÷ ۹۰۰

سورج حل ڪيو

```
      ۱۸
۵ ) ۹۰۰
   -۵↓
   ۴۰
  - ۴۰
   ۰۰
```

نيرج حل ڪيو

```
      ۱۸۰
۵ ) ۹۰۰
   -۵↓
   ۴۰
  - ۴۰↓
   ۰۰
   -۰
    ۰
```

ڪنهن جو جواب صحيح آهي؟ ڪيئن پڏائيبو؟

## اَڀياس

(۱) ونڊ ڪريو ۽ مليل جواب جي جاچ -پڙتال ڪريو.

⊙ ۷٦۸ ÷ ٦ ⊙ ۹۹۲ ÷ ۸ ⊙ ۷۳۷ ÷ ۷ ⊙ ۸۷۵ ÷ ۷

⊙ ۸۱٦ ÷ ٦ ⊙ ۸۰۰ ÷ ۸ ⊙ ۹۸۰ ÷ ۷ ⊙ ۷۰۰ ÷ ۵

(۲) ونڊ جا مثال تيار ڪريو ۽ حل ڪريو.

⊙ ۲۴۰ بسڪوت جا پئڪيٽ، هرهڪ شاگرد کي ٻہ پئڪيٽ ڏنا ويا.

تيار ٿيل مثال : هرهڪ شاگرد کي ۲ جي حساب سان ۲۴۰ بسڪوت پئڪيٽ ورهايا ويا تہ گهڻن شاگردن کي اُهي پورا پوندا؟

⊙ لوڻ جي اٺن پئڪيٽن جي قيمت ۱٦۰ روپيا آهي.




⊙ ڪُل بوتلون ۹٦ هڪ ڪريٽ ۾ ٦ بوتلون



⊙ رگهوءَ ۷ ميٽر ڪپڙو ۴۵۵ روپين ۾ خريد ڪيو.



⊙ ۹ دوست ساهيڙيون ياترا لاءِ نڪتا وڪيءَ سيني جي ٽڪيٽ لاءِ ۱۳۵ روپيا ڀريا.

⊙ ڪل رڪڙيون ۷۲، هرهڪ پئڪيٽ ۾ ٦ رڪڙيون.

⊙ ڏنل چاڪ : هرهڪ لاءِ ۷ پئڪيٽ، ڪل ۲۵۰ پئڪيٽ.



ماسترن لاءِ : ونڊ جا مثال نشانين سميت لکڻ وقت عددن جو سلسلو مناسب هئڻ گهرجي، اهو مثالن ذريعي سمجهايو. مثال ۱۵ چڪون، ۳ ڇٽن ۾ ورهائبا تہ ۳÷۱۵ ائين لکبو ۽ ونڊ اُپت ۾ ٽن انگن واري جواب ۾ ڏهاڪن جي جڳهہ ٻڙي هوندڙ عددن جي ونڊ جو مثالن سان اَڀياس ڪرايو. ونڊ ۾ جواب جاچڻ لاءِ خوب اَڀياس ڪرايو.

◉ ونڊ ۾ نقش

هرهڪ کي گهڻا روپيا ملندا؟

ٻار ۽ اُنهن کي ملندڙ برابر رقم ليڪ سان ملايو.



٣ ÷ ٣ =



٣٠ ÷ ٣ =



٩٠٠ ÷ ٣ =

◉ جاچيو. مثالن ۾ نقش سمجهيو ۽ پورو ڪريو.

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| ٢ = ٦ ÷ ٣ | = ٣ ÷ ٩ | = ٥ ÷ ٥ | = ٧ ÷ ٧ | = ٨ ÷ ٨ |
| ٢٠ = ٦٠ ÷ ٣ | = ٩٠ ÷ ٣ | = ٥٠ ÷ ٥ | = ٧٠ ÷ ٧ | = ٨٠ ÷ ٨ |
| ٢٠٠ = ٦٠٠ ÷ ٣ | = ٩٠٠ ÷ ٣ | = ٥٠٠ ÷ ٥ | = ٧٠٠ ÷ ٧ | = ٨٠٠ ÷ ٨ |

پورڙ ڍاڪي جي ونڊ يا ڍاڪي جي پٽيءَ جي ونڊ.

سمجهي وٺو.

هڪ دوڪاندار هرهڪ ٿيلهيءَ ۾ ١٠ ڪلوگرام چانور ڀري ٿو.

(١) جيڪڏهن هن وٽ ٦٠ ڪلوگرام چانور هجن تہ ڪيس گهڻيون ٿيلهيون لڳنديون؟

(٢) جيڪڏهن هن وٽ ٦٠٠ ڪلوگرام چانور هجن تہ ڪيس گهڻيون ٿيلهيون لڳنديون؟

..... = ٦٠ ÷ ١٠

= ٦٠٠ ÷ ١٠

ويچار ڪريو.

◉ جيڪڏهن هڪ ٿيلهيءَ ۾ چانورن جو وزن ١٠٠ ڪ گ آهي تہ ٦٠٠ ڪ گ چانور ڀرڻ لاءِ گهڻيون ٿيلهيون لڳنديون؟

......... = ٦٠٠ ÷ ١٠٠

◉ سِڌوءَ کي ۴۵۰ ٽينس بال هرهڪ کوکي ۾ ۱۰ ٽينس بال نموني پيرڻا آهن تہ کيس گهڻا کوکا لڳندا؟

هتي ۱۰ ÷ ۴۵۰ اِها ونڊ ڪبي.

۴۵
۱۰ ) ۴۵۰
-۱۰ ↓
۵۰
-۵۰
۰۰

مطلب سِڌوءَ کي ۴۵۰ ٽينس بالن لاءِ ۴۵ کوکا لڳندا.

◉ شريا ۱۸۰ آولن جو مُربو ٺاهيو. هرهڪ برنيءَ ۾ ۲۰ آولن جو مُربو پريو تہ هُن مربي لاءِ ڪُل گهڻيون برڻيون پريون.

۲۰ ÷ ۱۸۰ = ؟

| | |
|---|---|
| ۲۰ × ۱ = | ۲۰ |
| ۲۰ × ۲ = | ۴۰ |
| ۲۰ × ۳ = | ۶۰ |
| ۲۰ × ۴ = | ۸۰ |
| ۲۰ × ۵ = | ۱۰۰ |
| ۲۰ × ۶ = | ۱۲۰ |
| ۲۰ × ۷ = | ۱۴۰ |
| ۲۰ × ۸ = | ۱۶۰ |
| ۲۰ × ۹ = | ۱۸۰ |
| ۲۰ × ۱۰ = | ۲۰۰ |

۹
۲۰ ) ۱۸۰
-۱۸۰
۰۰

شريا مُربي لاءِ ۹ برنيون پريون.

◉ هڪ لائبرريءَ ۾ ۳۳۲ ڪتاب آهن. هرهڪ ڪٻٽ ۾ برابر ڪتابن جي حساب سان ۲۰ ڪٻٽ پرجيا تہ هرهڪ ڪٻٽ ۾ گهڻا ڪتاب پرجيا؟ ڪيترا ڪتاب بچيا؟

هتي ۲۰ ÷ ۳۳۲ اِها ونڊ ڪرڻي آهي.

۰۱۶
۲۰ ) ۳۳۲
-۰ ↓
۳۳
-۲۰ ↓
۱۳۲
-۱۲۰
۱۲

هرهڪ ڪٻٽ ۾ ۱۶ ڪتاب پرجيا ۽ ۱۲ ڪتاب بچيا.



ماسترن لاءِ : ايڪن ۽ ڏهاڪن واري جاءِ تي ٻڙي هوندڙ عددن کي هڪ انگ واري عدد سان ونڊ جو اَڀياس ڪرايو ۽ ونڊڻي = ونڊيندڙ × ونڊ اُپت + پاڇي اِها جاچ پڙتال ڪرڻ جي اَهميت سمجهايو.

# اَڀياس

**(١) ونڊ ڪريو.**

- ٩٠ ÷١٠
- ٨٠ ÷٢٠
- ٣٦٠ ÷١٠
- ٨٠٠÷ ١٠
- ٨١٠÷ ٩٠
- ٧٢٠ ÷ ۴٠
- ٩٠٠ ÷ ٦٠
- ٦٠٠÷ ۴٠

**(٢) ونڊ ڪريو ۽ پاڇي لکو.**

- ٦٦ ÷١٠
- ٧٣ ÷٣٠
- ٢۵٨ ÷١٠
- ۴٢٠ ÷ ۵٠
- ٧٢۵ ÷ ٨٠
- ۴۴٢ ÷ ١٠
- ٨٢۴ ÷ ٢٠
- ٣٩٢÷ ٦٠

**(٣) حل ڪريو.**

- هڪ بيڪريءَ ۾ ٩۵٠ ڊبل روٽيون نهيون هرهڪ ٿيلهي ۾ ١٠ ڊبل روٽيون پريون ويون ته ڪل گهڻا ٿيلها کپندا؟
- سڪوپائي ١٠٠٠ روپيا پنهنجي ١٠ ڏوهٽن کي برابر روپيا ورهايا ته هرهڪ کي گهڻا روپيا مليا.
- هڪ دوڪان ۾ ٧٢ صابڻ آهن، دوڪاندار اُهي ١٢ کوکن ۾ برابر پريا ته هرهڪ کوکي ۾ گهڻا صابڻ پرجيا؟
- شادي سماروهه ۾ ٩٨ ڪرسيون ١۴ ميزن اڳيان برابر نموني رکيون ويون ته هرهڪ ميز اڳيان گهڻيون ڪُرسيون رکيون ويون؟
- هڪ دوڪاندار ٨۵ ليٽر تيل ١٧ ڪئن ۾ برابر نموني پريو ته هرهڪ ڪئن ۾ ڪيترا ليٽر پرجيو؟

**ٽن انگن واري عدد کي ٻن انگن واري عدد سان ونڊ ڪرڻ.**

## سمجهي وٺو.

- دوڪاندار ٣٠٠ پينون ١ درجن حساب سان پئڪيٽن ۾ پريون ته پينين جا گهڻا پئڪيٽ پرجيا؟

ڪل پينيون = ٣٠٠، ١ درجن = ١٢

١٢÷٣٠٠ = ؟



| |
|---|
| ۱ = ۱۲ × ۱۲ |
| ۲ = ۱۲ × ۲۴ |
| ۳ = ۱۲ × ۳۶ |
| ۴ = ۱۲ × ۴۸ |
| ۵ = ۱۲ × ۶۰ |
| ۶ = ۱۲ × ۷۲ |

```
     ۲۵
۱۲) ۳۰۰
   -۲۴↓
     ۶۰
    -۶۰
     ۰۰
```

ونڊ اُپت = ۲۵

پاڇي = ۰

دوڪاندار هرهڪ ۾ ۱ دزن اِن نموني ۲۵ پئڪيٽ ڀريا.

⦿ نونا ۲۵ ڪتاب آڪاٽين جا ڪل ۴۰۰ روپين ۾ ورتا هرهڪ ڪتاب جي قيمت ساڳي هئي تہ هرهڪ ڪتاب جي قيمت ڪيتري آهي؟

هتي ۲۵÷۴۰۰ = ؟

| |
|---|
| ۱ ×۲۵ = ۲۵ |
| ۲ ×۲۵ = ۵۰ |
| ۳ ×۲۵ = ۷۵ |
| ۴ ×۲۵ = ۱۰۰ |
| ۵ ×۲۵ = ۱۲۵ |
| ۶ ×۲۵ = ۱۵۰ |

```
     ۱۶
۲۵) ۴۰۰
  - ۲۵↓
    ۱۵۰
  - ۱۵۰
     ۰۰
```

ونڊ اُپت = ۱۶

پاڇي = ۰

هرهڪ ڪتاب جي قيمت ۱۶ روپيا آهي.

## اَڀياس

**(۱) ونڊ ڪريو.**

⦿ ۱۳ ÷۸۴۵ ⦿ ۱۷ ÷ ۵۴۴ ⦿ ۱۷÷ ۳۹۶ ⦿ ۱۹ ÷ ۷۳۱

⦿ ۱۸ ÷۸۱۶ ⦿ ۱۶ ÷ ۸۴۰ ⦿ ۱۱÷ ۹۸۱ ⦿ ۱۴ ÷ ۲۶۴

**حل ڪريو.**

⦿ هڪ ٽوپي وڪڻندڙ ۵۰۴ روپين ۾ ۱۴ ٽوپيون ساڳي قيمت ۾ وڪيون تہ هن هرهڪ ٽوپي ڪيتري روپين ۾ وڪي؟

⦿ هڪ ڪار کي ۲۶۴ ڪلوميٽر مفاصلو هلڻ لاءِ ۱۲ ليٽر پيٽرول لڳو تہ ۱ ليٽر ۾ اُها ڪار ڪيترا ڪلوميٽر مفاصلو هلي؟

⦿ سوني ۸۱۰ روپين ۾ ۱۸ ڪلوگرام ڪڻڪ آندي تہ في ڪلوگرام ڪڻڪ جو اگهہ ڪيترو؟

⦿ راڌين جي چٽاڀيٽيءَ ۾ ۶۰۰ سينٽي ميٽر ڊيگهہ واري رٻين جا ۳۰ س م وارا برابر ٽڪرا ڪيا ويا تہ رٻين جا ڪُل ڪيترا ٽڪرا ٿيا؟

(۳) هيٺ ڏنل مثالن ۾ هڪ شيءِ جي قيمت لهو.

- ۱۳ بالن جي قيمت ۳۱۲ روپيا آهي.
- ۱۹ چٽين جي قيمت ۹۸۸ روپيا آهي.
- ۲۴ ربڙن جي قيمت ۳٦۰ روپيا آهي.

## گڏيل مثال (ضرب ۽ ونڊ)

(۱) سچن هڪ دوڪان تان ۹ پينيون ۱۳۵ر ۾ خريد ڪيون تہ اَهڙيون ۲۱ پينون خريد ڪرڻ لاءِ ڪيس گھڻا روپيا ڏيڻا پوندا؟

طريقو :

۹ پينن جي قيمت ۱۳۵ ر

هڪ پين جي قيمت لهڻ لاءِ اَسان کي ۹ ۱۳۵ اِها ونڊ ڪرڻي پوندي.

$$\begin{array}{r} 015 \\ 9\overline{)135} \\ -0\downarrow \\ \hline 13 \\ -9\downarrow \\ \hline 45 \\ -45 \\ \hline 0 \end{array}$$

ونڊ اُپت = ۱۵

هڪ پين جي قيمت ۱۵ر

تہ اهڙين ۲۱ پينن جي قيمت لهڻ لاءِ

۱۵ × ۲۱ ضرب ڪرڻي پوندي.

۲۱×۱۵ = ۳۱۵ر

مطلب ۲۱ پينون خريد ڪرڻ لاءِ ۳۱۵ روپيا لڳندا.

$$\begin{array}{r} 21 \\ \times\ 15 \\ \hline 105 \\ +\ 210 \\ \hline 315 \end{array}$$

## اڀياس

(۱) حل ڪريو.

- ۳ ڪلوگرام ڏاڙھون جي قيمت ۴۸۰ روپيا آهي تہ ۱۵ ڪلوگرام ڏاڙھون ءِ جي قيمت ڪيتري؟
- ۵ ميٽر ڪپڙي جي قيمت ۱۲۵۰ر تہ ۱۲ ميٽر ڪپڙي جي قيمت ڪيتري؟
- ۱۲ ليٽر کير جي قيمت ۸۴۰ روپيا آهي تہ ۱۴ ليٽر کير جي قيمت ڪيتري؟
- هڪ دفعي پنج دوست قدرت-پڪنڪ لاءِ ويا پھريائين اُنهن بس ۾ ياترا ڪئي بس جي ٽڪيٽ هرهڪ ماڻهوءَ جي ٦۰ روپيا هئي پوءِ اُنهن بيڙيءَ جو سئر هڪ ڪلاڪ لاءِ ڪيو ۽ ڪين اُن جا ۱۰۰۰ روپيا ڏيڻا پيا تہ پڪنڪ لاءِ هرهڪ مٿان هن وقت تائين ڪيترو خرچ آيو؟

(۲) اسڪول جي هفتيوار بازار ۾ مائٽن جُدا جُدا شيون خريد ڪيون. اُن ڏنل چاٽ تي اَڳتي ڏنل سوال حل ڪريو.

- پراجڪتا ديديءَ وٽ ۲۰۰ روپين جو ۱ نوٽ ۽ ۵۰ روپين جا ۳ نوٽ هئا. هن ڪل

٣١٠ روپين جي خريدي ڪئي ته هن وٽ ڪيترا روپيا بچيا؟

⊙ آشا ديدي ٣ متڪي پيل خريدي دوڪاندار کي هن ٢٠٠ روپين جو نوٽ ڏنو ڪيس ٨٠ روپيا واپس مليا ته هڪ متڪي پيل جو اگهه گهڻو؟

ساگر دادا کي ٻه متڪي پيل وٺڻي آهي ته ڪيس گهڻا روپيا ڏيڻا پوندا؟

(٣) هڪ اِسڪول کي ١٠٠٠ ڪاپيون خريد ڪرڻيون آهن دوڪاندار کي هرهڪ ګنيءِ ۾ ٢٠ ڪاپيون آهن ته اُن اِسڪول کي گهڻا ګنا خريد ڪرڻا پوندا؟

(٤) هيٺ ڏنل تختو جاچيو ضرب ۽ ونڊ جا مثال ڳولهيو ۽ رنگيو. تختي مان ڳولهيل مثال ڪاپيءَ ۾ لکو ۽ حل ڪريو.

جئين،

٢٥٠ × ٤ = ١٠٠٠

٥٠ × ٢٠ = ١٠٠٠

٥ ÷ ٥٢٥ = ١٠٥

| | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| ١٣٤ | ٥٢ | ٣٠ | ٣١ | ٩٣١ | ١٠ | ٩٣ | ٥٥ |
| ٥ | ٢٠ | ١٥ | ١٥ | ٢٥٠ | ٣ | ٣٣ | ١٠١ |
| ٢٢ | ١٠٤٠ | ٤٥٠ | ٠ | ٤ | ٢٦ | ١٠٤ | ٥٥٥٥ |
| ١١٠ | ١٠٠ | ٥٠ | ٢٠ | ١٠٠٠ | ٦٠ | ١٦ | ٩٩ |
| ٤٤ | ١٠٤ | ١٩ | ٣ | ٦ | ٢٢ | ١٣٢ | ٧ |
| ٢٠ | ٦ | ٩٥٠ | ٦ | ٦٠٠٠ | ٣٠ | ٢٠٠ | ٦٩٣ |
| ٨٠٨ | ٦٢٤ | ٣١ | ١٤ | ١٢٠٠ | ٨ | ١٦ | ٢٤ |
| ٣٥ | ٩ | ٥٢٥ | ٥ | ١٠٥ | ٦٢ | ٣٢٠٠ | ٧٨ |



## حسابي مزو.

### ⊙ جوڙ ڪريو.

جوڙ ۾ هرهڪ اکر لاءِ ٠، ١، ٢، ٣، ٤، ٥، ٦، ٧، ٨، ٩
اُنهن مان هڪ انگ ڏيو. ٻن يا ٻن کان وڌيڪ ساڳين اکرن لاءِ اُهو ئي انگ ڏيو.

| | | S | E | N | D |
|---|---|---|---|---|---|
| | | ☐ | ☐ | ☐ | ☐ |
| | | M | O | R | E |
| + | | ☐ | ☐ | ☐ | ☐ |
| | M | O | N | E | Y |
| | ☐ | ☐ | ☐ | ☐ | ☐ |

### ⊙ مزي واري ضرب - جواب ۾ نقش ڏسو.

⊙ ٣٧ × ٣ = ⊙ ٣٧ × ٦ = ⊙ ٣٧ × ٩ = ⊙ ٣٧ × ١٢ =

⊙ ٣٧ × ١٥ = ⊙ ٣٧ × ١٨ = ⊙ ٣٧ × ٢١ = ⊙ ٣٧ × ٢٤ =

### ⊙ ونڊ ڪريو

ڏنل ونڊ جي مثال a b c اِهي اکر جُدا جُدا انگن لاءِ واپرايل آهن. اُهي انگ سڃاڻو.

```
      bb
   ______
a)  bcc
  -  a
   ______
     bc
  -   a
   ______
      b
```

ياد ڪريو.

گذريل درجي ۾ توهان بہ ماپي شڪلين ۾ گھٽا محور هوندو آهن اُهو ڏٺو آهي. هيٺ ڏنل شڪلين ۾ گھٽا محور آهن؟ اِهو لکو.

شڪل :



سمتا محور عدد :

## موت ڪاڏل سمتا

سمجھي وٺو.

◉ چتر ۾ ڏيکاريل نموني مشغولي پوري ڪريو.

(١) هڪ اڇو ڪاغذ ڪٽو.



(٢) اُن جي وچ تي موڙ ڏيو.



(٣) ڪاغذ جي وچ۾ موڙڻ سان ڪاغذ جا بہ برابر حصا ٿيا.



(۴) ڪاغذ جي هڪ حصي ڪي رنگيو يا مَس جو ٽيپو هڻو.



(٥) هاڻي ڪاغذ جو ٻيو حصو پهرين حصي مٿان رکو ۽ هلڪو دٻايو.



(٦) ڪاغذ جو موڙ کوليو. توهان کي ڇا نظر اَچي ٿو، اُهو ٻڌايو.



ڪاغذ جو موڙ کولڻ بعد حاصل ٿيندڙ بہ شڪليون سمتا واريون شڪليون آهن، ڪاغذ جي جنهن جڳھ تي موڙيو، اُهو شڪل جو محور آهي.

# آرسيءَ ۾ عڪس



**چرچا ڪريو.**

- راڌيڪا اِسڪول وڃڻ وقت تيار ٿيڻ لاءِ، آرسيءَ ۾ ڏسندي آهي. آرسيءَ ۾ هوءَ سندس عڪس هڪ جهڙا آهن ڇا؟ شخصي طور آزمودو وٺو.

آرسيءَ ۾ نظر ايندڙ عڪس
اِها اَصل شيءِ جو موٽ ڪائيندڙ عڪس آهي.

**ويچار ڪريو.**

- چترن ۾ ڏيکاريل نموني شيءِ جو عڪس حاصل ڪرڻ لاءِ آرسي جُدا جُدا ڪيتري ڪي رکڻي پوندي؟






- چترن جو آرسيءَ ۾ عڪس جُدا جُدا جڳھين تي آرسي رکي ڪيئن نظر ايندو، ڏسو ۽ آزمودو وٺو.





- هيٺ شڪلين کي جاچيو.




متي ڏنل شڪلين کي جاچڻ ڪان پوءِ توهان کي ڇا ڌيان ۾ آيو؟

آرسيءَ ۾ عڪس اَصل چتر جي موٽ ڪائيندڙ سمتنا نہ آهي. آرسيءَ ۾ ڪجھ چتر اَصل چتر ڪان جُدا چو نظر ايندا آهن، ويچار ڪريو.

◉ N اِن شڪل جو عڪس آرسيءَ ۾ ڪيئن نظر اَچي ٿو؟

آرسي



اَصل چِٽر     آرسيءَ ۾ چِٽر

هاڻي ٦٣ اِن عدد جو عڪس توهان ڪڍو.



اِن شڪل جو آرسيءَ ۾ عڪس جاچيو.



## اَڀياس

**(١) ١١ کان ٢٠ تائين سنڌي ۽ انگريزي انگن جا - ڪارڊ ڪٽو اِنهن عددن ۾ ڪھڙا عدد آرسيءَ ۾ هوبهو آهن اُهي لکو.**

**(٢) هيٺ ڏنل شڪل جو آرسيءَ ۾ عڪس ڪڍو.**



## پاڻيءَ جو عڪس

**سمجهي وٺو.**

◉ پاڻي -عڪس لاءِ هيٺ ڏنل مثال جاچيو.







ماسترن لاءِ: آرسيءَ ۾ نظر ايندڙ عڪس اَصل چِٽر جو موٽ کائيندڙ چِٽر آهي. اِها شاگردن کي ڌيان ۾ آڻيو اُن تي چرچا ڪريو.

## سمجهي وٺو.

جسم جو آرسيءَ ۾ عڪس نظر ايندو آهي. جسم جو پاڻيءَ ۾ عڪس نظر ايندو آهي.

جسم جو پاڻيءَ ۾ عڪس جڏهن نظر ايندو آهي اُن وقت سمتا جو محور آڏو هوندو آهي.

◉ اکرن جو پاڻيءَ ۾ عڪس ڏسو.




◉ لفظن جو پاڻيءَ ۾ عڪس ڏسو.




◉ قدرت ۾ شين جو پاڻيءَ ۾ عڪس.





**ماسترن لاءِ :** (۱) آرسيءَ ۾ عڪس ڏسڻ وقت مکيہ کهڙن ڳالهين ۾ بدل سدل ٿيندي آهي، اُها جُدا جُدا مثالن ذريعي چٽيءَ طرح سمجهايو. آرسي سامهون رکي مزيدار طريقي سان عمل ڪرايو. (۲) پاڻيءَ جي عڪس بابت جُدا جُدا مثال ڏيئي اَڀياس ڪرايو. (۳) اکرن جي شڪل ٺُلهي ڪري عڪسن جو آزمودو وٺايو.

## اَڀياس

(۱) هيٺ ڏنل اکرن جو پاڻيءَ ۾ نهندڙ عڪس پنهنجي ڪاپيءَ ۾ ڪڍو.

| | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| ا | ڊ | ث | ح | ب | ک | پ |

(۲) هيٺ ڏنل شڪلين جو پاڻيءَ ۾ نهندڙ عڪس پنهنجي ڪاپيءَ ۾ ڪڍو.

حساب



WOW



### ويچار ڪريو.



اَمبولنس تي AMBULANCE اِهي اکر

(ƎƆИΑ⅃UᙠMΑ) ائين ڇو لکيل هوندا آهن؟

ماسترن لاءِ : شاگردن کي ڪجهه شڪلين ذريعي پاڻيءَ ۾ عڪس جاچڻ لاءِ همٿايو. پاڻيءَ ۾ نهندڙ عڪس ۽ اصل جسم ۾ فرق بابت چرچا ڪرايو.

# ١١ گرد ماپ ۽ ايراضي

**مشغولي پوري ڪريو.**



**راڌيڪا :** مونکي بورڊ جي ڪنارن تي گُلن جي مالها لڳائڻي آهي، پر اِن مالها جي ڊيگھه ڪيتري، اِهو ڪيئن ڪجي؟

**روهن :** اُن لاءِ بورڊ جي ڪنارن جي ڊيگھه ماپ-پٽي ماپي سان اُن ڊيگھه جي مالها تيار ڪرڻي پوندي.

بورڊ جي ڪنارن جي ڊيگھه ماپي هيٺ لکو.

......... س م + ......... س م + ......... س م + ......... س م

ڪل ............ س م ڊيگھه واري مالها تيار ڪرڻي پوندي بورڊ جي سڀني ڪنارن جي ڊيگھه جو جوڙ. مطلب بورڊ جي گرد ماپ

تيار ڪيل گُلن جي مالها جي ڊيگھه بورڊ جي گرد ماپ برابر آهي.






ماسترن لاءِ : شاگرد بورڊ جي ڪنارن جي ڊيگھه صحيح نموني ماپن ٿا، اِهو جاچيو. اِن نموني ڪلاس ۾ جُدا جُدا شين جي گرد ماپ ماپائي گردماپ جو تصوُر جُدا جُدا مثال واپرائي مضبوط ڪريو.

ڪڙميءَ کي پنهنجي کيت ۾ جانورن کان سلامتيءَ لاءِ تار جي ڄاريءَ جو لوڙهو لڳائڻو آهي. اُن لاءِ کيس کيتري ڊيگهه جي ڄاري خريد ڪرڻي پوندي؟

ڪڙميءَ کيت جي سيني پاسن جي ڊيگهه جو جوڙ ڪريو.

.... م + .... م+ .... م+ .... م = .... ميٽر ڊيگهه جي ڄاري خريد ڪرڻي پوندي

اِن مان اهو ڌيان ۾ آيو.

◉ بند شڪل جي سيني پاسن جي ماپن جو جوڙ مطلب اُن شڪل جي گرد ماپ.

## اُڀياس

(١) هيٺ ڏنل شڪلين جي گرد ماپ ماپيو ۽ لکو.




| | | | |
|---|---|---|---|
| گرد ماپ = ☐ س م | گرد ماپ = ☐ س م | گرد ماپ = ☐ س م | گرد ماپ = ☐ س م |

(٢) ٽٻڪن جي مدد سان هيٺ ڏنل شڪلين جي گرد ماپ ماپيو ۽ لکو.

(اِهو ڌيان ۾ رکو تہ ٻن لاڳيتن ٽٻڪن وچ ۾ مفاصلو ١ س م آهي.)




| شڪل | گرد ماپ |
|---|---|
| (١) | ٢۴ س م |
| (٢) | ............. س م |
| (٣) | ............. س م |
| (۴) | ............. س م |
| (۵) | ............. س م |
| (٦) | ............. س م |
| (٧) | ............. س م |

(٣) ڪلاس ۾ هيٺ ڏنل شين جي گرد ماپ جو اندازو لڳايو ۽ پوءِ شخصي طور ماپي جاچيو.

| نمبر | شيءِ جو نالو | گرد ماپ (اندازي موجب) | گرد ماپ (حقيقي) |
|---|---|---|---|
| ١ | حساب جي ڪتاب جو ڪوَر پيج | | |
| ٢ | دري | | |
| ٣ | ميز جو مٿاڇرو | | |

(٤) نمتا کي چتر ۾ ڏيکاريل رومال جي ڪنارن تي ليس لڳائڻي آهي ته ڪيس ڪيتري ڊيگهه جي ليس لڳائڻي پوندي؟

◉ اَهڙي نموني جي ٣ رومالن تي ليس لڳائڻ لاءِ ڪيتري ڊيگهه جي ليس لڳائڻي پوندي؟




--------------------------

--------------------------

--------------------------

--------------------------

(٥) هيٺ ڏنل شڪل جي گردماپ ماپيو ۽ لکو.




گرد ماپ = ......... س م

**(٦) هيٺ ڏنل ٽٻڪن مٿان جنهن شڪل جي گرد ماپ ٢٠ س م هجي، اهڙيون ٻه شڪليون ڪڍو.** (ٻن لاڳيتن ٽٻڪن وچ ۾ مفاصلو - ١ س م آهي.)



## ايراضي

**سمجهي وٺو.**



**شاگرد :** سر! ايٽريون لاديون توهان ڇا لاءِ آنديون آهن؟

**ماستر :** ڪلاس روم ۾ لڳائڻ لاءِ.

**شاگرد :** ڪلاس روم ۾ ايٽريون لاديون پوريون پونديون ڇا؟ اِهو ڪيئن مقرر ڪجي؟

**ماستر :** اسان کي ڪلاس روم جي فرش جو مٿاڇرو ماپڻو پوندو.

فرش جي مٿاڇري جي ماپ مطلب فرش جي ايراضي

**ماسترن لاءِ :** مٿاڇرن جي ماپ ڪرڻ بابت چرچا ڪرايو. ڪهڙي مٿاڇري جي ماپ ڪهڙن ماپ ساڌنن وسيلي ڪبي آهي. اِن وشيه بابت چرچا ڪرايو. رهنمائي ڪريو.



ڪنهن شڪل جي مٿاڇري تي
والاريل جڳهہ جي ماپ مطلب اُن
شڪل جي ايراضي هوندي آهي.

◉ هيٺ ڏنل شين جي مٿاڇرن جي ماپ، شيون -ماپڻ جي ساڌنن جي مدد سان ڪريو.

| مٿاڇري جو نالو | ماپ - ساڌن شيءِ جو نالو | اندازي | مٿاڇري تي والاريل ساڌن شين جو عدد |
|---|---|---|---|
| ميز جو مٿاڇرو | ڪاپي | ..........ڪاپيون | .......... |
| لوهہ جي پيٽيءَ جو مٿاڇرو | ڪمپاس پيٽي | .......... | .......... |
| ڪتاب جو مٿاڇرو | .......... | .......... | .......... |

مٿي ڏنل تختي ۾ اَسان جُدا جُدا مٿاڇرن جي ماپ لاءِ جُدا جُدا ساڌن ڪم آندا.
هاڻي هڪ ئي مٿاڇري جي جُدا جُدا ساڌنن وسيلي ماپ وٺنداسين.

◉ ڪلاس ۾ ميز جو مٿاڇرو جُدا جُدا ساڌن- شين جي مدد سان ماپ وٺنداسين.

| ساڌن- شيءِ جو نالو | اندازي ايراضي | ميز جو مٿاڇرو ماپڻ لاءِ ساڌن شين جو عدد |
|---|---|---|
| ڪاپي | .......... ڪاپيون | |
| ڪتاب | .......... ڪتاب | |
| ڪمپاس پيٽي | .......... ڪمپاس پيٽيون | |

هر دفعي جُدا جُدا جواب اَچن ٿا جيئن ڏيگهہ لاءِ اَسان هڪ پرماڻت ايڪو مقرر
ڪيو، ساڳئي نموني ايراضي ماپڻ لاءِ پرماڻت ايڪو ڪم آڻينداسين.

◉ هاڻي آسان چورس جو اِستعمال ڪري ميز جي مٿاڇري جي ماپ لهنداسين.

ماستر ڪلاس ۾ انيل ۽ اديتي کي جُدا جُدا شڪلين جا چورس ڪٽي ڪلاس واري ميز جو مٿاڇرو ماپڻ لاءِ چيو.





انيل جي اِستعمال ڪيل چورسن ۾ ميز جي والاريل جڳهه جي ايراضي = ☐ چورس

اديتيءَ جي اِستعمال ڪيل چورسن ۾ ميز جي والاريل جڳهه جي ايراضي = ☐ چورس

ٻنهي هڪ ئي ميز جو مٿاڇرو جُدا جُدا شڪلين وارن چورسن وسيلي ماپيو تہ ماپ بہ جُدا جُدا ملي.

ڪنهن بہ شڪل جي ايراضيءَ جي ماپ هڪ ئي اَچڻ گهرجي انڪري ١ س م پاسي وارو چورس ئي ايراضي ماپڻ جو پرماڻت ايڪو اِستعمال ڪبو آهي.

◉ هاڻي ٻنهي ساڳيا چورس ڪم آڻي ميز جي مٿاڇري جي ماپ لڌي.





ٻنهي کي ميز جي مٿاڇري جي ايراضيءَ جو جواب ساڳيو ئي آيو.

◉ مٿاڇرن جي ماپ ڪرڻ لاءِ چورس ايڪو ئي پرماڻت ايڪو واپرائبو آهي.

جُدا جُدا مٿاڇرن ۾ ماپ، ضرورت موجب ١ س م، ١ ميٽر، ١ ڪلوميٽر، ١ فوٽ پاسن وارن چورس جو اِستعمال ڪري اُنهن جي ايراضي لهي سگهجي ٿي.

اسڪول ۾ رڪيل رنگولي چٽاڀيٽيءَ ۾ نيتا ۽ سايليءَ ڀرو ورتو. خاص ڏنل جڳهه تي اُنهن کي رنگولي ڪڍڻ لاءِ چيو ويو.

◉ هيٺ ڏنل چٽر کي جاچيو.



**نيتا :** ٽيچر، مونکي رنگولي ڪڍڻ لاءِ مليل جڳهه سايلي کي مليل جڳهه کان گهٽ آهي.

**ٽيچر :** مون کي تہ ائين نہ ٿو لڳي.

**ٽيچر :** نيڪ آهي، اَچو تہ اَسان ٻنهي جڳهين جي ماپ چورس وسيلي ماپيون. چورس جو عدد ماپيو.

ٻڌايو، نيتا جي رنگولي واري جڳهه تي چورسن جو عدد = ☐ چورس

سايلي جي رنگولي واري جڳهه تي چورسن جو عدد = ☐ چورس

توهان ڇا سمجهو؟

**سايلي :** ٻنهي جي رنگولي واريون جڳهيون اُنهن ۾ چورسن جو عدد برابر آهي.

**نيتا :** مطلب، ٻنهي جي رنگولي واريون جڳهيون، اُنهن جي ايراضي هڪ جيتري آهي.

هرهڪ کي ڏنل رنگولي جڳهين ۾ هرهڪ جي ايراضي ١٢ چورس ايڪا آهي.









**ماسترن لاءِ :** ڏنل مثالن جي ڏيکهه، ويکر، سمجهه ۾ مليل هجي تہ اُهي ايراضي چورس س م ۾ ليکبو آهي اِهو شاگردن کي سمجهايو.

**(١) جاچ ڪري شڪلين جي ايراضي لهو.**




شڪل (١) ---۵---- چورس ايڪا　　　شڪل (٢) --------- چورس ايڪا

شڪل (٣) ------- چورس ايڪا　　　شڪل (۴) --------- چورس ايڪا

شڪل (۵) ------- چورس ايڪا



**ماسترن لاءِ :** شاگردن کي ساڳي ايراضي هوندڙ پر جُدا گردماپ هوندڙ ۽ ساڳئي گردماپ هوندڙ پر جُدا ايراضي هوندڙ شڪليون ڪڍڻ لاءِ چئو، اِهو اَڀياس ڪرايو. ٽڪنڊي جي ايراضي ايڪي چورس وسيلي لهي سگهجي ٿي ڇا، اِن بابت چرچا ڪريو ۽ ايراضي لهي ڏيکاريو. ڪنهن مٿاڇري تي والاريل ايراضي ماپڻ لاءِ چورس وانگر ٽڪندو، گول، مستطيل، بي ڊول شڪل جو ٽڪرو. ڇو اِستعمال نہ ٿو ڪجي، اِن بابت شاگرد کي چٽيءَ طرح سمجهايو.

(۲) چاچ ڪري تختو پورو ڪريو ۽ هيٺ ڏنل سوالن جا جواب لکو.




| شڪل نمبر | گرد ماپ | ايراضي |
|---|---|---|
| ۱ | ------ س م | ------ چورس س م |
| ۲ | ------ س م | ------ چورس س م |
| ۳ | ------ س م | ------ چورس س م |
| ۴ | ------ | ------ |
| ۵ | ------ | ------ |
| ٦ | ------ | ------ |
| ۷ | ------ | ------ |
| ۸ | ------ | ------ |

- ساڳي ايراضي پر جُدا گردماپ هوندڙ شڪلين جو عدد لکو. .........
- ساڳي گرد ماپ پر جُدا ايراضي هوندڙ ڪهڙيون شڪليون؟ .............
- گردماپ ۽ ايراضي ساڳي هوندڙ ڪهڙي شڪل؟ ......................

# ١٢ مقدار ۽ گنجايش

## مقدار



سمجهي وٺو.

⊙ هن ڪعب ڪاٺ جي بلاڪ کي جاچيو.



هڪ ايڪو
هڪ ايڪو
هڪ ايڪو

- اِهو ڪعب آهي اِن جو هرهڪ پاسو ١ ايڪو آهي.
- مطلب اِن ڪعب جي ڊيگهه، ويڪر ۽ اوچائي ساڳيا آهن.
- اِن ڪعب جو مقدار ١ ڪعب ايڪو آهي.

⊙ 

- هتي ١ ڪعب مقدار جا ٨ ڪعب ڪاٺ جا بلاڪ آهن.
- تيار ٿيل بلاڪ جو مقدار ٨ ڪعب ايڪا آهي.

⊙ 

- هتي ١ ڪعب مقدار جا ٢٧ ڪعب ڪاٺ جا بلاڪ آهن.
- تيار ٿيل بلاڪ جو هڪ مقدار ٢٧ ڪعب ايڪا آهي.

⊙ 

-
-

ڪنهن ڪاٺ جي بلاڪ جو مقدار اُنجي ١ ايڪي ماپ جا ڪيترا ڪعب بلاڪ آهي، اِهو ٻڌائبو آهي.

**ڪعب شيءِ جو مقدار ڪعب ايڪن ۾ ماپبو آهي.**

## اِڀياس

(١) هيٺ ڏنل شڪلين جاچيو ۽ خال ڀريو.

⊙  مقدار = ...... ڪعب ايڪا

⊙  مقدار = ..... ڪعب ايڪا

(٢) حسابي پيٽيءَ ۾ ڪعب ڪاٺ جا بلاڪ هڪ ٻئي مٿان چيڪائي جُدا جُدا رچنا ڪريو ۽ تيار ٿيل شڪلين جو مقدار ماپيو.



ماسترن لاءِ : حسابي پيٽي مان ڪعب ڪاٺ جا بلاڪ ۽ جُدا جُدا مستطيلن جو اِستعمال ڪري مقدار جو تصور سمجهايو.



## ڌيان ڏيو.

ڪنهن برتن ۾ تمتار جيترو پاڻي جيترو لڳندو آهي، اُهو اُن برتن جي گُنجائش آهي گُنجائش ماپڻ لاءِ ليٽر يا ملي ليٽر اِهي ايڪا ڪم آڻبا آهن.

◉ هيٺ ڏنل چٽن ۾ شين جي گُنجائش اندازي لکو.




بوتل وارو پاڻي برتن ۾ اوتڻ سان اُهو برتن سڄو ڀرجي ٿو تہ اُن برتن ۽ بوتل جو مقدار ساڳيو آهي. آخر جي چٽ ۾ ٽانڪيءَ جي گُنجائش ۱۰۰۰ ليٽر آهي جڪڏهن اُن ۾ ۲۰۰ ليٽر پاڻي اوتبو تہ ٽانڪيءَ ۾ پاڻيءَ جو مقدار ۲۰۰ ليٽر آهي.
پاڻيٺ جو مقدار ليٽرن ۾ ماپيو آهي.

ليٽر لاءِ (ل) ۽ ملي ليٽر لاءِ (م ل) ائين لکبو آهي.

## اَڀياس

(۱) تختي ۾ شين جي گُنجائش اندازي لکو. پوءِ حقيقي ماپڻ لاءِ توهان پوءِ حقيقي ۵۰۰ م ل، ۲۰۰ م ل، ۱۰۰ م ل، ۵۰ م ل، ۱۰ م ل ماپا واپرائي سگهو ٿا.

| شيءِ | اندازي گُنجايش | حقيقي گُنجايش | اندازي ۽ حقيقي گُنجايش ۾ فرق |
|---|---|---|---|
| پيالو | | | |
| وٽي | | | |
| جڳ | | | |
| مٽو | | | |
| چمچو | | | |

◉ پڙهو ۽ سمجهو.

اِسپتال ۾ وجيہ کي ڊاڪٽر تپاس ڪري [۲] م ل ڏني  ۽ [۱۰۰] م ل  دوا
ڏني اُن ۾ [۵] م ل  دوا بہ دفعا وٺڻ لاءِ چيو.



## سمجھي وٺو.



**(۱) هڪ ليٽر بوتل سموري پاڻيءَ سان ڀرڻ لاءِ پنج سؤ ملي جون گھٽيون بوتلون کپنديون؟**

۵۰۰ م ل + ۵۰۰ م ل = ۱ ليٽر    مطلب ۵۰۰ م ل = $\frac{1}{2}$ (اَڌ) ليٽر

اڌ ليٽر + اڌ ليٽر = ۱ ليٽر

**(۲) هڪ ليٽر بوتل سموري ڀرڻ لاءِ ۲۵۰ م ل جون گھٽيون بوتلون لڳنديون؟**







۲۵۰ م ل = $\frac{1}{4}$ ليٽر (پاو ليٽر)

۲۵۰ م ل + ۲۵۰ م ل + ۲۵۰ م ل + ۲۵۰ م ل = ۱ ليٽر




**(۳) هڪ ليٽر بوتل ۾ مُنو حصو ۲۵۰ م ايل جون گھٽيون بوتلون لڳنديون؟**

۲۵۰ م ل + ۲۵۰ م ل + ۲۵۰ م ل = ۷۵۰ م ل

۷۵۰ م ل = $\frac{3}{4}$ (مُنو) ليٽر

**(۴) ۱ ليٽر بوتل سموري ڀرڻ لاءِ ۱۰۰ م ل جون گھٽيون بوتلون کپنديون؟**




۱۰۰ م ل + ۱۰۰ م ل + ۱۰۰ م ل + ۱۰۰ م ل + ۱۰۰ م ل

۱۰۰ م ل + ۱۰۰ م ل + ۱۰۰ م ل + ۱۰۰ م ل + ۱۰۰ م ل

= ۱۰۰۰ م ل

(۱۰×۱۰۰ م ل = ۱۰۰۰ م ل = ۱ ليٽر)

- سوا ليٽر = ۱ ليٽر + پاءُ ليٽر = ۱۰۰۰ م ل + ۲۵۰ م ل = ۱۲۵۰ م ل
- ڏيڍ ليٽر = ۱ ليٽر + اڌ ليٽر = ۱۰۰۰ م ل + ۵۰۰ م ل = ۱۵۰۰ م ل
- پوڻا ٻہ ليٽر = ۱ ليٽر + مُنو ليٽر = ۱۰۰۰ م ل + ۷۵۰ م ل = ۱۷۵۰ م ل

⊙ ليٽرن کي ملي ليٽرن ۾ بدلائڻ

(الف) هڪ ليٽر = ١ × ١٠٠٠ م ل = ١٠٠٠ م ل

(ب) ٻه ليٽر = ٢ × ١٠٠٠ م ل = ٢٠٠٠ م ل

(ڪ) ٽي ليٽر = ٣ × ١٠٠٠ م ل = ____ م ل

(ڊ) چار ليٽر = ٤ × ____ م ل = ____ م ل

⊙ ملي ليٽرن کي ليٽرن ۾ بدلائڻ

١٠٠٠ م ل = ١ ليٽر

٥٠٠٠ م ل = ٥ ليٽر

٤٠٠٠ م ل = ____ ليٽر

____ م ل = ٨ ليٽر

**١ ليٽر = ١٠٠٠ ملي ليٽر**

⊙ ٣٤٥٠ م ل = ٣٠٠٠ م ل + ٤٥٠ م ل = ٣ ليٽر + ٤٥٠ م ل

## اڀياس

**(١) ملي ليٽرن کي ليٽرن ۾ بدلايو.**

١) ٦٠٠٠ م ل = ____

٢) ٧٠٠٠ م ل = ____

**(٢) هيٺين ۾ خال ڀريو.**

⊙ ٣٢٥٠ م ل = ٣ ل + ٢٥٠ م ل

⊙ ٤٧٥٠ م ل = ____ ل + ____ م ل

⊙ ٣٠٢٥ م ل = ____ ل + ____ م ل

⊙ ١٠٠ م ل = ____ ل + ____ م ل

⊙ ١٠٠ م ل = ٥٠ م ل + ____ م ل

**(٣) هيٺين ۾ خال ڀريو.**

⊙ سوا ٻه ليٽر مطلب ڪيترا ملي ليٽر؟ ____ م ل

⊙ پوڻا ٽي ليٽر مطلب ڪيترا ملي ليٽر؟ ____ م ل

⊙ سوا ٽي ليٽر مطلب ڪيترا ملي ليٽر؟ ____ م ل

⊙ ساڍي ٽي ليٽر مطلب ڪيترا ملي ليٽر؟ ____ م ل



ماسترن لاءِ : مٿي ڏنل مشغولي شاگردن کان عملي طور ڪرايو. سوا، ڏيڍ، پوڻا اِهي چڱيءَطرح سمجهايو.

(۴) ماءُ پوريون تري لاءِ تئيءَ ۾ تيل وڌو. هرهڪ پوري تري لاءِ ۲ م ل تيل لڳي ٿو.

- جيڪڏهن توهان ۵ پوريون کاڌيون تہ توهان ڪيتري تيل جو واهپو ڪيو؟
- ماءُ کي ۳۰ پوريون تري لاءِ ڪيترو تيل لڳو؟

(۵) هيٺ ڏنل مشغولي پوري ڪريو ۽ جاچ درج ڪريو.


چتر نمبر ۱


چتر نمبر ۲


چتر نمبر ۳


چتر نمبر ۴

مٿي ڏنل هرهڪ برتن ۾ سمورو ڀري لاءِ اهڙا گھٽا  ڀريل پاڻيءَ جا لڳا؟

- چتر (۱) ۾ برتن ۾ گھٽا ڪوپ پاڻيءَ جا لڳا؟ ☐
- چتر (۲) ۾ برتن ۾ گھٽا ڪوپ پاڻيءَ جا لڳا؟ ☐
- چتر (۳) ۾ برتن ۾ گھٽا ڪوپ پاڻيءَ جا لڳا؟ ☐
- چتر (۴) ۾ پاڻي ڪيترو ڀرجيو؟ ☐
- چتر ۳ ۽ ۴ مان ڪهڙي برتن ۾ وڌيڪ پاڻي ماپيو. ☐

(۶) جاچ ڪريو ۽ چوڪنڊي ۾ مناسب جواب لکو.

| گُنجائش | ۱۰۰۰ م ل ۾ گھٽا ماپا | ۵۰۰ م ل ۾ گھٽا ماپا | ۲۰۰ م ل ۾ گھٽا ماپا | ۱۰۰ م ل ۾ گھٽا ماپا | ۵۰ م ل ۾ گھٽا ماپا |
|---|---|---|---|---|---|
| ۱ ليٽر لاءِ | ۰۱ | ۰۲ | | | |
| ۲ ليٽرن لاءِ | | | | | |
| ۳ ليٽرن لاءِ | | | | | |

ماسترن لاءِ : شاگردن کي مائٽن سان گڏجي ويجهو دوڪان تي وڃڻ لاءِ چئو. ۱۰ م ل. ۵۰ م ل، ۱۰۰ م ل، ۲۰۰ م ل، ۵۰۰ م ل ۽ ۱ ليٽر گُنجائش وارن شين جو ورگيڪرڻ قابليت موجب شاگردن کان ڪرايو.

## مشغوليون ڪريو.

⊙ شيشي جا ڦهليل برتن ۽ شيشي جا اوچائي وارا برتن، اِنهن ۾ ٢٠٠ م ل بوتل پاڻيءَ سان ڀري اوتيو.




شيشي جي ڦهليل برتن ۾ اِهو پاڻي گهٽ نظر اَچي ٿو ۽ اوچائي واري برتن ۾ پاڻي وڌيڪ نظر اَچي ٿو جيتوڻيڪ ٻنهي برتنن ۾ ساڳئي انداز ۾ پاڻي اوتيو ويو.

برتن بدلجڻ سان، اُن جي مقدار ۾ تبديل نه ايندي آهي.

## حسابي مزو.

(١) باغ ۾ ۵ ليٽر گُنجائش واري هڪ ۽ ٣ ليٽر واري گُنجائش جا ٻه خالي برتن آهن ۽ پاڻي کڻڻ لاءِ پاڻيءَ سان ڀريل ٽانڪي به آهي. توهان کي ۴ ليٽر پاڻي گهرجي توهان ڪيئن حاصل ڪندا؟

(٢) هڪ دٻو ١۵ ليٽر ڪاڏي جي تيل سان ڀريل آهي اُتي ٢ ليٽر ۽ ١ ليٽر گُنجائش وارا ماپ رکيل آهن. تي خالي دٻا به رکيل آهن. توهانکي هرهڪ دٻي ۾ ۵ ليٽر تيل ڀرڻو آهي ته گهٽ ۾ گهٽ دفعن ۾ توهان ڏنل ماپا ڪم آڻيندا؟

(٣) هڪ کير وڪڻندڙ هڪ ڪئن ۾ ١٢ ليٽر کير ڀريو آهي کير واري وٽ ٣ ليٽر، ۵ ليٽر، ٧ ليٽر گُنجائش وارا برتن آهن. اُنهن جي مدد سان کير وڪڻندڙ کي ٽن ڇڻن ۾ هرهڪ کي ۴ ليٽر کير ورهائڻ ۾ مدد ڪريو.

## پروجيڪٽ

• توهان جي آس پاس ماحول ۾ پاڻيءَ جو ڪٿي ڪٿي زيان ٿئي ٿو، اُنهن جڳهين جي لسٽ ٺاهيو.
• ڪيترو پاڻي ائين وهي وڃي ٿو، اُن جو اندازو لڳايو ۽ اُن کي روڪڻ جا اُپاءُ ٻڌايو.
• هيٺئين نموني تختو ڪاپيءَ ۾ به ڪريو.

| نمبر | اِستان | اندازي پاڻي ڪيترو وهي وڃي ٿو. | روڪ جا اُپاوَ |
|---|---|---|---|

ماسترن لاءِ : ماستر عملي روپ ۾ مشغوليءَ وسيلي مٿي ڏنل مشغولين ۾ حسابن بابت شاگردن کي ڌيان ۾ آڻايو.

## جاچيو .




ڊجيٽل گھڙيال



اَئنالاگ گھڙيال

- جنهن گھڙيال ۾ فقط انگن ذريعي وقت ڏيکاريو وڃي ته اُهو ڊجيٽل گھڙيال هوندو آهي.
- جنهن گھڙيال ۾ ڪانٽن ذريعي ڪلاڪن ۽ منٽن ۾ وقت ڏيکاريو وڃي ته اُهو گھڙيال اَئنالاگ گھڙيال هوندو آهي.

اهڙي قسم جا گھڙيال توهان هر جڳهه ڏسندا هوندا پر پراڻي زماني ۾ وقت ڏيکارڻ جا ڪيترا ساڌن اِستعمال ٿيندا هئا؟ دوست، مائٽ، ماستر ۽ اِنٽرنيٽ جي مدد سان اِها ڄاڻ گڏ ڪريو.



ارڙهين صديءَ ۾ راجستان، جئپور ۾ راجپوت راجا سوائي جئسنگھ وڏو سمراٽ ينتر تيار ڪرايو. اِهو تمام وڏو ينتر آهي اِهو سج ڪري ٺهندڙ پاڇي جو اِستعمال ڪري بلڪل دُرست وقت ڏيکاريندو آهي.

## وقت ماپڻ

پون صبح جو ١٠ لڳي ١٥ منٽ اسڪول لاءِ نڪتو. اِهو ١٥ : ٢٠ ائين لکبو آهي، اِسڪول پهچڻ ۾ کيس ١٥ منٽ لڳا. ١٠ لڳي ١٥ منٽن ۾ ١٥ منٽ ملائڻ اِن پون ٣٠ : ١٠ اِسڪول پهتو.





## مشغولي ڪريو.

نمن هرروز يوگاسن ڪرڻ لاءِ صبح جو ١٠ :٦ وڳي شروع ڪري ٦:٤٠ وڳي پورو ڪندو آهي. هن کي يوگاسن ڪرڻ لاءِ ڏنل ٻئي وقت گھڙيالن ۾ ڪانٽن وسيلي ڏيکاريو.





(٢) شراوڻي شام جو ٦:١٥ وڳي ڪتاب ۾ هڪ آکاڻي پڙهڻ شروع ڪئي، ٤٥ منٽن ۾ هن آکاڻي پڙهي پوري ڪئي اِهو وقت گهڙيال ۾ ڏيکاريو.





(٣) راجو اِسڪول وڃڻ لاءِ ٩:٤٥ گهر مان نڪتو سندس جُدا جُدا وقتن تي ڪيل مشغولي گهڙيال ۾ ڏيکاريو.

١٥ منٽن کان پوءِ | ٢٠ منٽن کان پوءِ | ٤٠ منٽن کان پوءِ | ٣٥ منٽن کان پوءِ



| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| راجو صبوح جو ٩ : ٤٥ اِسڪول لاءِ | هو اِسڪول ۾ ١٠:٠٠ بجي پهتو | [ ] بجي اِسڪول ۾ سبق | [ ] بجي اِسڪول جو پهريون پيرڊ | [ ] بجي اِسڪول جو ٻيون پيرڊ |

## اَڀياس

(١) تي دوست گهڙيال ۾ وقت ڏسن ٿا. ڪنهن بلڪل صحيح وقت ٻڌايو؟ ٻين وقت ٻڌائڻ ۾ ڪهڙي غلطي ڪئي؟ اِن بابت دوستن ۾ چرچا ڪريو.

| گهڙيال ۾ وقت / گهڙيال جو وقت ڏسندڙ دوست |  |  |  |
|---|---|---|---|
| سچن | ١٢:٠٣ | ٢.٠٥ | ٥.٠٣ |
| نيتا | ١٢:١٥ | ٥.١٠ | ٣.٠٥ |
| اوجس | ٣.٠٠ | ٢.٢٥ | ٥.١٥ |

(٢) ريا جيو ٢:٣٠ اِهو ١٥٠ منٽن کان وڌيڪ آهي ته هو صحيح چوي ٿي ڇا؟



ماسترن لاءِ : حسابي پيٽيءَ ۾ گهڙيال جو اِستعمال ڪري جُدا جُدا وقت - گهڙيال ۾ ڏيکارڻ جو اَڀياس ڪرايو. روزمره وهنوار ۾ مثال ڏيئي پروليمن حل ڪرڻ جو اَڀياس ڪرايو.

(٣) گٽيش ٢ ڪلاڪ اَڀياس ڪيو. هو منجهند ١.٠٠ بجي اَڀياس پورو ڪريو اُٿيو تہ هن گهڻي بجي اَڀياس شروع ڪيو؟ [ ]

(٤) ١٢ ڪلاڪن ۾ منٽ ڪانٽو ڪلاڪن ڪي گهڻا دفعا اورانگهي وڃي ٿو، اِهو شخصي طور گهڙيال ۾ ڪانٽن کي ڦرندو ڏسو ۽ درج ڪريو. [ ]



## عظيم ڀارتيہ علم رياضي دان شري نواس رامانجن

شري نواس رامانجن جو جنم ٢٢ ڊسمبر ١٨٨٧ تامل ناڊو راجيہ (Erode) ٿيو. سندس پتا هڪ ڪپڙي جي دوڪان تي نوڪري ڪندو هو، گهر جي مالي حالت تمام خراب هئي پنجن سالن جي عمر ۾ سري نواس اِسڪول ۾ داخل ٿيو. اُتي سندس قابليت جو اندازو لڳڻ شروع ٿيو ٻہ سال پرائمري تعليم بعد، هو ستن سالن ۾ ڪُنڀڪرڻم جي ٽائون هاءِ اِسڪول ۾ داخل ٿيو.

ننڍي عمر ۾ ئي ڪيس حسابن ۾ دلچسپي پيدا ٿي. سندس ياداشت تمام تيز هئي. ٢ جي مول ۽ پاءِ ( )اِنهن غير منتق عددن جو ملهہ ڪيترن ئي ڏهائي جڳهين ۾ هو زباني طور ٻڌائي سگهندو هو. اِسڪول ۾ هوندي ڏرتيءَ جي خط اِستوا جي ڊيگهہ بابت ٻڌايو، جيڪو هن پاڻ حسابن ذريعي ڳولهيو ۽ عجب جي ڳالهہ، اُهو جواب لڳ ڀڳ ساڳيو ئي ثابت ٿيو.

هن اسڪولي تعليم ١٦ سالن ۾ پوري ڪئي پوءِ اڳتي تعليم لاءِ هو ڪاليج ۾ داخل ٿيو. پر فقط علم رياضيءَ ۾ ڌيان هئڻ ڪري ٻين وشين ۾ دلچسپي نہ هئڻ ڪري انگريزيءَ جهڙن ٻين وشين ۾ هو ڪمزور رهيو. اِن جو اهو نتيجو نڪتو جو هو ناپاس ٿيو. اِسڪالرشپ بند ٿي ويئي. غريبيءَ ڪري ڪيس ڪاليج ڇڏڻو پيو. هاڻي پنهنجي پيرن تي بيهڻ گهرجي ماءُ پيءُ کي مدد ڪري ، اُنهن جون تڪليفون دور ڪجن، اِهو سوچي هو مدراس پورٽ ٽرسٽ ۾ حساب رکڻ جو ملازم بڻيو.

نوڪريءَ ۾ روز ١٠-١٢ ڪلاڪ وقت ويندو هو، باقي بچيل وقت ۾ حسابن جي اَڀياس ۾ مشغول رهندو هو. علم رياضي تہ سندس ساهہ ۾ هئي سندس علم رياضيءَ ۾ سُڃاڻپ ائين ملي. جو سندس حسابن بابت تحقيق ٿيل ڪمن لاءِ آفيسرن ڪوششون ورتيون. رامائجن جا علم رياضيءَ ۾ ڪجهہ تحقيقاتي ليک، انگلئنڊ ۾ ڪئمبرج يونيورسٽي ۾ علم رياضي دان ڊاڪٽر هارڊيءَ تائين پهتا اُن ليکن تي ڊاڪٽر هارڊي تمام گهڻو متاثر ٿيو. رامانجن مطلب چمڪندڙ تراشيل هيرو، اِهو هن جي ڌيان ۾ آيو. هن يڪدم مدراس يونيورسٽيءَ سان پٽر-وهنوار ڪيو. يونيورسٽيءَ سندس ڪتنب جي گذران لاءِ رقم ۽ رامانجن جو انگلئنڊ وڃڻ جو سڄو خرچ منظور ڪيو. سندس اڳتي اڀياس لاءِ ڪئمبرج يونيورسٽيءَ سان رابطو رکيو. ١٩١٤ وچ رامانجن ڪئمبرج يونيورسٽيءَ پهتو.

پروفيسر هارڊي جي رهنمائيءَ ۾ هن ايڪلويہ جي ايڪاگرتا وانگر سکڻ جي شروعات ڪئي ٻن سالن ۾ سندس ثابت ڪيل علم رياضيءَ جي ڪيترن سڌانتن کي عالمي سطح تي مانيتا ملي. سندس تحقيقي ڪمن سبب لنڊن جي رايل سوسائٽيءَ ڪيس فيلوشپ ڏني ۽ ميمبر بڻايو. اِهو سنمان حاصل ڪرڻ وارو رامانجن پهريون شخص هو اُن وقت سندس عمر فقط ٣١ سال هئي پوءِ اِنگلئنڊ جي آبهوا ڪيس باهہ نہ پيئي ۽ هو بيمار ٿي پيو. ڪئمبريج نرسنگ هوم ۾ سندس علا شروع ٿيو. بيماريءَ ۾ پڻ هو علم رياضيءَ جو اَڀياس ڪندو رهيو. عددن جون خاصيتون سندس زبان تي هيون هڪ دفعو پورفيسر هارڊي هن سان ملڻ آيو. هارڊي جي جو ٽئڪسي نمبر هو ١٧٢٩. رامائجن کي هارڊي چيو ”١٧٢٩ رواج عدد لڳي ٿو، يڪدم رامانجن جواب ڏنو“ نہ اِهو هڪ خاص جُدا جُدا خوبين وارو نمبر آهي. اِن ۾ ١٠ ٩ يا ١ ١٢ اِنهن ٻنهي عددن جو ڪعب ڪيڊنداسين تہ جولي ١٧٢٩ ايندو.

اِهو ٻڌي پروفيسر هارڊي عجب ۾ پئجي ويو ”هرهڪ سچو انگي عدد رامانجن جو پڪو دوست آهي. ائين پروفيسر لٽلوڊ چيو، اِهو احساس ڪيس ٿيو.

پر ڏيري ڏيري رامانجن جي صحت بگڙجندي ويئي اِنڪري گهر ۽ ماتريوميءَ جي تيار ڪري هو فيبروري ١٩١٩ ۾ ڀارت واپس آيو. آخر ٢٧ اپريل ١٩٢٠ ڏينهن ٣٣ سالن جي جوان اوسٿا ۾ سندس سرڳواس ٿيو. پروفيسر هارڊي پنهنجي يونيورسٽيءَ ۾ چيو مان تہ هن کي ٿورو ئي سيکاريو پر سچ تہ اهو آهي مان رامانجن مان خوب ڳالهيون سکيس.

# ١٤ نقش

**ياد ڪريو.**

گذريل درجي ۾ توهان ٻ-ماپي شڪلين جو وستار سان تيار ٿيل نقشن جو اَڀياس ڪيو آهي. هاڻي اَسان ٽِ-ماپي شڪلين ۾ وستارت ڄاڻ سان نقش سمجهي وٺون.

## ٽِ-ماپي شڪلين ۾ نقش

**سمجهي وٺو.**













مٿي ڏنل چترن جي جاچ ڪرڻ سان اَسان کي ڌيان ۾ اَچي ٿو ته اَنانس، ماکيءَ جي مکين جا مانارا، جئپور جو ڏاڪا هوندڙ کوھہ، فانوس، تاس جي پتن جو بنگلو، مور کنڀ اِنهن سڀني ۾ خاص ڍنگ جي دُهراوت وارو نقش نظر اَچي ٿو.

## شيون ۽ چٽر اِنهن جي مدد سان وسٽارت ٿهندڙ نقش

### سمجهي وٺو.

شين جي چٽرن جو اِستعمال ڪري وسٽارت ٿيندڙ نقش تيار ڪري سگهجن ٿا. اُن جا ڪجهه مثال هيٺ ڏجن ٿا.









متي ڏنل نقشن ۾ ڪهڙيون جاميٽريءَ جون شڪليون واپرايل آهن؟

### مشغولي پوري ڪريو.

- پيندي جو ٽڪر رنگن ۾ بوڙي ڪاغذ مٿان سهڻو نقش ڪڍو.

## نقشا جُدا جُدا شڪليون ڪم آڻي نقش تيار ڪرڻ.

**سمجهي وٺو.**

نقش مطلب جُدا جُدا شڪلين جو اِستعمال ڪري نقش تيار ڪرڻ.

مثال ماءُ جي ساڙهيءَ جو بارڊر، گھر جي پٽين تي جاميٽريءَ شڪلين جو اِستعمال ڪري تيار ٿيل، پنن ۽ گُلن جا ڪجهه نقش هيٺ ڏنل آهن. توهان ڪي اهڙا نقش پنهنجي آس پاس ڪٿي نظر ايندا آهن، اُهو ڳولهيو ۽ اهڙن قسمن جا نقش تيار ڪريو.





ڏنل چوڪندي ۾ جاميٽري شڪلين جو اِستعمال ڪري نقش تيار ڪريو.

ماسترن لاءِ : جُدا جُدا شيون، شڪليون، ٺپا اِستعمال ڪري نقش تيار ڪرايو.

# ٽائلنگ

## سمجهي وٺو.

اِن ۾ جُدا جُدا شڪلين جون لاديون، اِنهن جا ٽڪرا ڪٽي اَڏاوت هڪ مٿان هڪ لڳائي اهڙي نموني ڪبي آهي، جيئن ڪا بہ خالي جڳهه نہ بچي ۽ ٽڪرن جون شڪليون هڪ ٻئي مٿان نہ چڙهن. اَڳتي مثالن وسيلي اِهو سمجهي وٺو.





- هيٺ ڏنل خانن ۾ پنهنجي پسند جو رنگ ڀريو ۽ ٽائلنگ ڪريو.

A



B



C



- هيٺ ڏنل خاني ۾ بہ جُدا جُدا شڪليون واپرائي ٽائلنگ ڪريو.

- هيٺ ڏنل شڪل ۾ ڏيکاريل نموني ٽائلنگ ڪريو.



- هيٺ ڏنل شڪل ۾ ڏيکارڻ نموني ٽائلنگ ڪريو.



- ڏنل چوڪنڊي ۾ ٽڪنڊن جي مدد سان ٽائلنگ ڪريو.

# عدد جو نقش



سمجھي وٺو.

◉ نقش پورو ڪريو.

| | | |
|---|---|---|
| ١ | ڳڻپ عددن جو نقش  | ---------------------------------------- |
| ٢ | ٽِڪنڊي عددن جو نقش  | ---------------------------------------- |
| ٣ | ٻڌي عددن جون نقش  | ---------------------------------------- |
| ٤ | اڪي عددن جو نقش  | ---------------------------------------- |

◉ هيٺ ڪوڙن کي جاچي، اُن ۾ سلسلي موجب ايندڙ ايڪي جاين مٿان انگن جو نقش تيار ڪريو.

(١) ٢، ٤، ٦، ٨، ١٠، ١٢، ١٤، ١٦، ١٨، ٢٠.........................

| | | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| | | | | | | | | | |

(٢) ٤، ٨، ١٢، ١٦، ٢٠، ٢٤، ٢٨، ٣٢، ٣٦، ٤٠..............

| | | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| | | | | | | | | | |



ماسترن لاءِ : شيون، چتر، ٽڪا اِنهن جا جوڙا ڪٽي اڪي - ٻڌي عددن جي نقشن جو تصوّر چٽيءَ طرح سمجهايو.

(٣) اٺين جو کوڙو ڪاپيءَ ۾ لکو ۽ اُن مان ايڪي جڳهه تي انگن جو نقش لکو.

| | | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| | | | | | | | | | |

(۴) ٽن جو کوڙو ڪاپيءَ ۾ لکو ۽ اُن مان ايڪي جڳهه تي انگن جو نقش لکو.

| | | | | | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| | | | | | | | | | | | | |

(۴) ستين جو کوڙو ڪاپيءَ ۾ لکو ۽ اُن مان ايڪي جڳهه تي انگن جو نقش لکو.

| | | | | | | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| | | | | | | | | | | | | | |



## ويچار ڪريو.

- ٽن جي کوڙي ۾ سڀ عدد اڪي هوندا آهن ڇا؟
- اَسمتا هيٺ عدد - قطار تيار ڪئي آهي.

اُها ٻڌي عددن جي آهي يا اڪي عددن جي اِهو سڃاڻو.

| | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| ٣ | ٥ | ٧ | ٩ | ١١ | ١٣ | ١٥ | ١٧ | اِڪي عدد |
| ۴ | ٨ | ١٢ | ١٦ | ٢٠ | ٢۴ | ٢٨ | ٣٠ | |
| ٣ | ١٣ | ٢٣ | ٣٣ | ۴٣ | ٥٣ | ٦٣ | ٧٣ | |
| ١٠ | ٢٢ | ٣۴ | ۴٦ | ٥٨ | ٨٠ | ٨٢ | ٩۴ | |



**ماسترن لاءِ :** ٻه-ٻه شاگردن کٽي مشغولي ڪرايو. جُدا جُدا عددن جي پيٽ ۾ جوڙا ملايو. نقش سُڃاڻڻ جو اَڀياس ڪرايو. گروپ ۾ هڪ کي عدد ڏيو ۽ ٻئي کي سُڃاڻڻ لاءِ چئو.

◉ هيٺ نقشن ۾ هرهڪ شڪل لاءِ نمبر ڏنل آهي. اُنهن کي ١، ٢، ٣، ۴، .......... نمبر ڏنل آهن.



١ ٢ ٣ ۴ ۵ ٦ ٧ ٨ ٩ ١٠

مٿي ڏنل شڪليون جاچيو ۽ هيٺ ڏنل نقش تيار ڪريو.

◉  جو سلسلو ۴، ٩ ..... ائين آهي اِهو  پورو ڪريو.

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| ۴ | ٩ | | | | |

◉  اِن شڪل جي سلسلي موجب اَڏاوت لکو.

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| | | | | | |

◉ مٿي ڏنل اَڏاوت سمجهي ٢، ۴، ٦، ٨، ١٠، ١٢، ١۴، اِنهن نمبرن جو نقش تيار ڪريو.



◉ ١، ٣، ۵.٧.٩.١١.١٣، ١۵ اِنهن جڳهين تي ايندڙ آڪارن جي اَڏاوت تيار ڪريو.



 اِن شڪل جي جڳهه جو نقش لکو.

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| | | | | | |



ماسترن لاءِ : حسابي پيتيءَ ۾ جُدا جُدا شڪلين جي مدد سان نقش سمجهايو ۽ جاميٽريءَ جي شڪلين جا نقش تيار ڪرايو. اُنهن کي ١،٢،٣،۴، اهڙا نمبر ڏيئي عددن جا نقش تيار ڪرڻ جي مشغولي ڏيو اِن بابت شاگردن کي سوال پڇڻ لاءِ همٿايو.

(١) حل ڪريو.

- فقط اڪي عددن جو نقش تيار ٿيندو ڇا؟ جي ها تہ اُهو تيار ڪريو.
- عددن جي نقش جي شروعات ۾ ٻڌي عدد آهي ۽ هر دفعي اُهو اَنگ ٢ سان وڌي ٿو تہ ڇا توهان کي اڪي عدد ملندو؟ سبب ڏيئي سمجهايو.
- پهرين ڏهن ٻٽپ عددن ۾ ٻڌي ۽ اڪي عددن جو نقش تيار ڪريو.
- ٣، ٦، ٩، ١٢ اِهو ڪهڙي عدد جو نقش آهي؟

(٢) هيٺ ڏنل نقش پورا ڪريو.









## تبديليون - ترتيبون

### سمجهي وٺو.



دوڪاندار ماءُ کي جُدا جُدا رنگن جا پردا ڏيکاريا هن کي ٻن رنگن جا پردا وٺڻا آهن، تہ هو ڪهڙن رنگن جا پردا وٺندي. اِن تي ويچار ڪريو.

ماءُ ڳاڙهو ۽ پيلو اِنهن رنگن جا پردا وٺي گهر جي وڏي دريءَ تي هينئين نموني لڳايا.



توهان اَچا ڪهڙي قسم جي اِنهن چئن پردن جي رچنا ڪري سگهو ٿا اُها هيٺ ڇترن ۾ رنگي ڏيکاريو.



توهان اَچا ڪهڙي قسم جي پردن جي رچنا ڪري سگهو ٿا؟ دوستن سان چرچا ڪريو ۽ ڪاپيءَ ۾ ڇتر ڪڍي رنگيو.

- هڪ ڇوڪريءَ کي سنڌس ماءُ آندل ٢ ڳاڙهيون ۽ ٢ سايون چوڙيون هڪ هٿ ۾ پاتيون آهن. اُهو هيٺ ڏيکاريل آهي. هوءَ اَجا ڪهڙي ڪهڙي قسم ۾ پائي سگهي ٿي اُهو ڪري ڏسو.



- اِسڪول جي ڪاريہ ڪرم ۾ ڊمبل، ليزم ۽ رِنگ واپرائي قواعد جو ڪاريہ ڪرم رکيو ويو مئدان تي قواعد لاءِ شاگردن کي بيهڻ لاءِ جُدا جُدا قسمن ۾ بيهاري قطارون ٺاهي سگهجن ٿيون اِن تي چرچا ڪريو.



ڊمبل قطارون



ليزم قطارون



رِنگ قطارون

- پسگردائيءَ ۾ جُدا جُدا رچنائن جو اِمڪان.

• نيتا کي ٽن راندين ۾ ٽي جُدا جُدا اِنعام مليا. هوءَ ڪٻٽ ۾ اِهي اِنعام ڪيئن ٺاهي رکي، اُهي سڀ ممڪن اَڏاوتون ٻڌايو.

• نيتا اِنهن بدران ڇا جُدا جُدا قسمن ۾ ٽن اِنعامن جي اَڏاوت ڪري سگهي ٿي ڇا؟ چرچا ڪريو.




١




٢




٣




٦




٥




٤

- هڪ دفعو تي ٽيڪا لاڳيتا سڏي ليڪ ۾ جوڙي تيار ٿيندڙ رنگولي جا جُدا جُدا نمونا نمونا ڪاپيءَ ۾ تيار ڪريو.
- پيلو ، ڳاڙهو، سائو اِهي رنگ هڪ دفعو اِستعمال ڪري اَڳتي ڏنل پٽ تي جُدا جُدا نموني رنگيو.

- اِن بدران جُدا جُدا نمونا پٽ تي رنگي سگهجن ٿا ڇا؟ ويچار ڪريو.

## اَڀياس




(١) ڏنل A, B, C ڇوڪرين تي وهان، سورج ۽ سئم اِنهن کي ڪهڙن جُدا جُدا نموني بيهاري سگهجي ٿو سڀ ممڪن قسمن تي ويچار ڪريو ۽ سڀ سلسلا لکو.

----------- ----------- ----------- ----------- ----------- -----------

(٢) نانديڙ کان ديگلور ويندي وچ ۾ نايگانوَ ۽ نرسي اِهي مکيه اِسٽاپ آهن. جيڪڏهن هڪ ٽڪڙي بس نانديڙ کان ديگلور تائين ويندي فقط نايگانوَ ۽ نرسي اِنهن ٻنهي اِسٽاپن تي بيهي ته اِن بس ۾ گهڻن قسمن جون ٽڪيٽون ميسر ڪرڻيون پونديون؟




---------------------------------------------------------------

---------------------------------------------------------------

اِن نموني موٽ ياترا ۾ گهڻن قسمن جون ٽڪيٽون ميسر ڪرڻيون پونديون؟

(٣) ٤، ٢، ٩، ٦ اِهي انگ هڪ دفعو واپرائي ٻن انگن وارا گهڻا عدد تيار ٿيندا؟ ويچار ڪريو ۽ لکو.




(٤) ڪلاس ۾ هڪ اُڀي قطار ۾ ٽي ڊيسڪون رکيل آهن. اُنهن تي A, B, C اِهي اِسٽيڪر جُدا جُدا ترتيب ۾ لڳائڻا آهن تہ ٽيچر اُنهن کي ڪهڙي نموني لڳائي سگهندي، اُهو چتر ڊيکاريو.



## ترڪيبون

سمجهي وٺو.

### ڏنل شرط موجب تيار ٿيندڙ ترڪيبيون

◉ ايشيا هاڪي ڪپ راند ۾ ’الف‘ ’ب‘ گروپ آهن ’الف‘ گروپ ۾ پارت، چين، جپان ۽ ڪجاڪستان اِهي ديش ڀهرو وٺندڙ آهن. تہ ’الف‘ گروپ جي سيمي فائينل رائونڊ تائين پهچڻ لاءِ ڪل گهڻا مقابلا راندين ۾ لڳندا، اُهو جاچيو.

| ايشيا هاڪي ڪپ | الف گروپ |
|---|---|
|  | پارت |
| | چين |
| | جپان |
| | ڪجاڪستان |

(١) پارت — چين

(٢) پارت — جپان

(٣) پارت — ڪجاڪستان

(٤) چين — جپان

(٥) چين — ڪجاڪستان

(٦) جپان — ڪجاڪستان

## اَڀياس

(١) اِسڪول ۾ ٽن شاگردن گڏجي رنگ راند کيڏڻ جو سوچيو اِسڪول ۾ ڳاڙهو، سائو، پيلو، نيرو اِنهن چئن رنگن جون رنگون آهن اِهي ٽي شاگرد ڪهڙا ٽي رنگ چونڊي راند ڪري سگهن ٿا، اُهي سڀ جوڙيون لکو.





(٢) اِسڪول جي منتري منڊل جي چونڊن ۾ رما (R) گوتم (G) اشيتا ( I ) سمير ( S ) جيڪب ( J ) اِهي پنج شاگرد ڪتيا آهن اِنهن مان ٻن جي چونڊ ڪرڻي آهي. هڪ کي اِسڪول پرمُک ۽ ٻئي کي اسڪول اُپ پرمُک ڪرڻو آهي. توهان ڪهڙا ٻہ شاگرد چونڊي سگهو ٿا، اُهي سڀ جوڙيون نالن بدران ڏنل اکر ڪم آڻي لکو.

(٣) آريا سوچيو تہ هوءَ چتر لاءِ فقط ٻہ رنگ ئي ڪم آڻيندي، تہ هوءَ ٥ رنگن مان ڪھڙا ٢ رنگ چونڊي چتر رنگي سگهي ٿي، اُهي سڀ جوڙيون لکو.




(٤) ماءُ بازار مان اَناس، نارنگيون، صوف، ڏاڙهون، انگور اِهي ميوا آندا. جين ماءُ کي چيو ”ممي، مونکي اَڄ گڏيل ميون جي رس گهرجي. ڪھڙا ٻہ ٻہ ميوا ڪٺ.
ماءُ سوچڻ لڳي ڪھڙن ٻن ميون جي رس تيار ڪريان ؟ اُن لاءِ ماءُ کي مدد ڪريو ۽ جُدا جُدا جوڙيون ٻڌايو.

(٥) قومي پوشڻ هفتو شروع ٿيڻ تي ماءُ سونالي کي دٻي ۾ سلاد، مُگ، راڄگيرا لڏون، پولاهہ ۽ ٿالهي پيٽ اِهي پدارٿ ڏنا. هن چيو ”اَڄ مان فقط ٽي شيون کائيندس تہ هوءَ ڪھڙا پدارٿ چونڊي سگهي ٿي. اُهي سڀ جوڙيون لکو.

(٦) هڪ ڪسان پنهنجي کيت ۾ ربيع موسم ۾ ڪڻڪ، چڻا، جوئر، مڪائي اِنهن مان ٻن فصلن کي لڳائڻ جو ويچار ڪيو آهي تہ هو کيت ۾ ڪھڙا ٻہ فصل پوکي سگهي ٿو، اُهي سڀ جوڙيون لکو.

(٧) سلما پنهنجي اَبو سان آئيس ڪريم جي دوڪان ۾ ويئي اُتي پستا، اَنب ۽ اِسترابيري اِهي ٽن قسمن جون آئيسڪريم هيون آئيسڪريم واري چيو ”ٻيبي، اَڄ هڪ آئيسڪريم تي هڪ آئيسڪريم مفت آهي، تون جُدا جُدا ٻہ آئيسڪريم چونڊي سگهي ٿي. سلما سوچي ٿي اِسترابيري ۽ انب کڻان؟ يا پستا ۽ اِسترابيري کڻان؟ هوءَ گهڻن قسمن ۾ آئيسڪريم چونڊي سگهي ٿي؟

(٨) بابا ڪمپيوٽر جو پاس ورڊ، وساريو آهي پر هن کي ايترو ياد آهي تہ پاس ورڊ ۾ ١ ۽ ٢ انگ ۽ # @ اِهي نشانيون آهن ۽ اِهي هڪ دفعو ئي اِستعمال ٿيل آهن. پاسورڊ جي شروعات@ سان ٿئي ٿي. تہ هو ڪھڙا پاس ورڊ وجهي سگهي ٿو.
ڪري ڏسو.

| | | | |
|---|---|---|---|
| @ | ٢ | ١ | # |
| @ | ١ | ٢ | # |

⦿ هيٺ خالي جاين تي ڪهڙو انگ ايندو، اُهو ڳولهيو ۽ لکو.

⦿

| | | |
|---|---|---|
| ٧ | ٦ | ٩ |
| ٨ | ٤ | ٥ |
| ١٥ | ١٠ | ؟ |

⦿

| | | | |
|---|---|---|---|
| ١٥ | ٢ | | ٦ |
| ١٥ | | ٥ | |
| ١٥ | ٤ | | ٨ |
| | ١٥ | ١٥ | ١٥ |

⦿ شروعات کان آخر تائين پهچڻ لاءِ توهان کي لاڳيتو سڌو رستو اِستعمال ڪرڻو آهي. شرط اِهو آهي ته توهان کي هڪ ئي رستي تان واپس نه اَچڻو آهي ۽ ٽيڙو رستو اِستعمال نه ڪرڻو آهي. ڪري ڏسو.




⦿ هڪ اِسٽيج تي پنج مهمان آهن اِسٽيج تي چڙهڻ کان پوءِ اُنهن هڪ ٻئي سان هٿ ملائي نظارو ڪيو. ڪل ڪيترا هٿ ملائڻ ٿيا. اِهو پنهنجن دوستن سان عملي طور ڪري ڏسو.

⦿ توهان کي پنهنجي دوست کي ساڳي رنگ جون ٽي وٽيون ڏيڻيون آهن. جُدا جُدا قسمن جون وٽيون هڪ مٿان هڪ رکيل آهن. وٽين جي ڊٻي مان فقط مٿين وٽي ڪڍڻي آهي.

سوال هڪ ئي قسم جي رنگ جون وٽيون ڪڍڻ لاءِ گهٽ ۾ گهٽ گهٽيون وٽيون ڪڍڻيون پونديون؟

سنگيت ۾ سا، ري، گ، م اِهي چار سُر جُدا جُدا ترتيبن ۾ وڄائڻ سان گهڻن قسمن جا سنگيت ٺاهي سگهن ٿا؟ اُنهن سيني سلسلن جو تختو تيار ڪريو.

نمستي ٻارو!

جيڪڏهن توهانکي ٺيڪ نٿو لڳي، توهانکي ڪنهن غلط ڇهاءُ ڪيو، تہ توهان ڇُپ ڪري نہ ويهو. توهان ڳالهايو.

۱. پنهنجو پاڻ کي ڏوهہ نہ ڏيو.

۲. اُن کي ٻُڌايو جنهن تي توهان کي وشواس آهي.

۳. توهان نئشنل ڪميشن فارپروٽيڪشن آف چائلڊ رائيٽس کي ٻُڌائي سگهو ٿا POCSO جي e.box ذريعي.

جڏهن توهان کي ڪير غلط ڇُهاءُ ٿو ڪري ۽ توهانکي خراب ٿو لڳي،

توهان منجهي ٿا وَڃو ۽ ڪُجهہ نَٿا ڪري سگهو

توهانکي ”خراب“ نہ لڳڻ گُهرجي ڇو جو اُن ۾ توهانجي غلطي ڪونهي.




هي بٽڻ ڏٻايو

**POCSO e-box available at NCPCR@gov.in**

جيڪڏهن توهان ۱۸ سالن کان گهٽ عمر وارا آهيو ۽ توهان ڪنهن پريشانيءَ ۾ يا مُنجهيل

يا بَدِ سَلوُڪي يا تَڪليِف ۾ آهيو يا ٻيو ڪو ٻار.............

فون ڪريو 1098 .... ڇو جو ڪجهہ نمبر سُٺا هوندا آهن!

اُهي زندگي بدلي ڇڏيندا آهن!!!




چائلڊ لائين 1098 - نئشنل ۲۴ ڪلاڪ ٽول فرِي

ضروري فون لائين ٻارن لاءِ جيڪي ٻار پريشان يا تڪليف ۾ آهن

چائلڊ لائين اِنڊيا فائونڊيشن سرڪار جي مدد سان

(منسٽري آف ومين اَئنڊ چائلڊ ڊويلپڊ) هلي رهيِ آهي.

نئين سماج ڏانهن

Towards a new dawn



مهاراشٽر راجيہ پاٺيہ پستڪ نرمتي و اڀياس ڪرم سنشوڌن منڊل، پُڻي-۴۱۱۰۰۴

₹ 87.00

गणित इयत्ता चौथी (सिंधी माध्यम)